
آتم درشن - گباني سائين تيرتداس

اوتارو اديس

نارائ — شهباز

قلند — قلندر



Aatam Darshan - Giani Sai Tirthdas - . -
It is a story of a Barrister turned a beragi - a man of renunciation (Block 1)
Born 1890 - Hyderabad, Sind.
Died 1953 - Madras. India.
(4th July)

آتم درشن

گياني سائين تيرٿداس

Surrendered his self at the Dargah Daraz of Sachal Sarmast and accepted Sai Sakhi Kabool Mohammad, the head priest of the Dargah at the time as his spiritual guide -
(Block 2-3)

ا
ز
ق
ل
م

نارائڻ جيٺانند ميراڻي

By Narain Jethanand Merani -



4.7.78

[جلد ٥٠٠] [سال ١٩٧٨-٧-٤]


The Last page records his thoughts versified in English as deduced from his sayings and life trends

بيھا:- ٥٠-٧ روپيه

حق واسطا قائم

Personal Copy

The writer His Love -



چاه ۽ ليکڪ

The Title Page -
Top - The symbol graces the inner eye with the happy vision of Universal brotherhood, the Parliament of man, Bird and Beast.
Bottom - Dargah Daraz, the Grand mausoleum of Shah Baaz kalendar of Sehwan Sharif, Sind. The Urs is celebrated jointly by Hindus and muslims. In a way signifies in practice what the top helps one to visualize in the abstract.

Printers :- Sunder Printing Press, Kaiserganj, Ajmer

Publisher:- Shri Narain J. Merani, M. A.

آدبي سنگم - شايع ڪندڙ

The Happy Literary Publishing House, Ajmer

C/o Gurbux Murlidhar Merani, B. A., LL. B.

D-12, L.I.C. Flats, Ranade Marg, Alwar Gate, Ajmer

سرورق

"اَڄي ناهيم اُنهن عبديءَ جو آهُس
ڪانئي چاڪر چانئيان ڪانئي خاصو رهُس
هڪ ٻه ڪيان، ٻيو لاهيان رنگا رنگ لبيس
ڪانئي سالڪ سترال ڪانئي عين اُوس
سيوهڻ سدائو ڪريان بيدل ٿي درويش."

بيدل صوفي

"سيوهڻ سدا ٿو ڪريان." ڇا ڪون؟ شهباز قلندر سر صوفي لاکوفي درويش جي درگاهه دراز اُت آهي. اِئين اِلهاس چوڻو ته عثمان مروندي جو پوءِ شهباز قلندر جي صفت سان مشهور ٿيو سو درويش سيوهڻ شريف جي ذڪر ۾ ڪوٽي ٻه ڪلو ميٽر دوريءَ تي اڄي ڏيرو جمايو هو. شهر ۾ ٻيو فقير اڳيئي جهجها هئا سي هن درويش کي ڪٽي نا گهڻي ڏين. اهو وقت هو جڏهن، شهر جي هندن مان ميرائي ناواٽي ڪتنب جي بزرگن سائين عثمان مروندي کي ڪاڏ و خوراڪ پهچائڻ جو پالو ڪر برسر ڪيو هو. جڏهن آخر ۾ درويش شهر ۾ اچي پنهنجو ٺڪاڻو ڪيو ته هن پرڏوار سان لاڳاپا گهاٽا ٿيندا ويا. سنه ۱۳۵۰ع ۾ درويش چولو ڇڏيو ته شعبان مهني جي ۱۸-۱۹ ۽ ۲۰ تاريخ لڳاتار سنڌس ياد ۾ ٽي ڏينهن ميلو لڳڻ شروع ٿيو. ميلي جي ٽيا ڏُم جو وچون ڏينهن ميراني ناواٽي ملهائيندا آهن. هيءُ بندو انهيءَ پراد ريءَ مان آهي.

سائين جي چاهي - نه ويرم ٿي ناهي

شادي مراديءَ ٻنهي اچڻ وڃڻ ٿيندو آهي - اڳئين سال پاٽيجي پرڪاش موٽومل خداباديءَ جي شاديءَ لي ويو هوس. سيان ۾ رهندو آهي. سيان ۾ ماروٽ ساٿوءَ جي گهوٽ جيوترام گياني، جو ساڌو تُن آهي، ان سان گڏجڻ ٿيندو آهي.

مشغولين جو ذڪر نڪتو، ته ڏهن پنهنجا ليک ڏيکاريامانس. ڏسي پڙهائين ته هي درويشي رنگ ۾ رنگ جا مضمون ڇپايو چونه ٿا. اُمنگ وچان پڇيائين. موٽ موٽ ۾ لنگڙيءَ دل اُلر ۾ چيو، ته سنڌي ساهتڪار جي بيوسيءَ جي حالت ڏسي، دل نٿي چاهي ته جيب خرچ ڪري، سر درد پرائي ۽ در در پيو ڀاڄائي ته آهي ڪو اَدو يوسف جو هيءَ اچي لي ڪاري نيڻگر موٽ ونان ڪٽي وڃي.

ڪلي ڏنائين. ڳالهه دل سان لڳي آهس. ڏندي وارو آهي. چيائين اُنين ته چندو چيرو ڪٿو ڪري سگهجي ٿو پر منهنجو مطلب آهي ته منهنجي ٻوچ پتا سائين تيرٿداس گيانيءَ جي ياد ۾ ڪٿي ڪتاب ڇپايو.

نئڻ ڪو اٿيو بيٺو هو. گڏيا ته اُڳـ ۾ هتا سين. گڏ ياسين اُن ڏينهن ۾. پر جڏهن سائين چاهي. ڏينهن ٻڌو تاريخ ٧ سيپٽمبر ١٩٧٧. اَلائِي ڪنهنجيءَ ٻڌ ڪارج سِڌ لي ويو.

نارائڻ قلندري

ٻيد، آتم وديا ۽ گيان سمائي هر گل جي نزاڪت نرالي آهي جا من کي معطر ڪري ٿي ڇڏي. پستڪ کي جتان به کولي ٿو پڙهجي ته هڪ الوڪ روحاني راحت ٿي ملي. در اصل شري ميراڻي هڪ لڪل روحاني لعل کي پرگهٽ ڪري سنڌي سماج جي وڏي سيوا ڪئي آهي.

ڪاش! هن پستڪ کي پڙهي، سنتن جي سنگت ڪري، نام سان چت لائي پنهنجي زندگي سڦلي ڪريون!

منگهارام ديال
اجمير.

شڪرگذار آهيان

١. هري همٿاڻي اديب اجنتا پبليڪيشن اجمير واري جو جنهن هن پستڪ جي قلمي لسٽ پڙهڻ ۽ ڇپائڻ ۾ دل ۽ جان سان ساٿ ڏنو.

٢. پروفيسر چيتن ليکراج ماڙيوالا باندرا، بمبئي واري جو جنهن لال شهباز قلندر جي درگاه جو فوٽو مهرباني ڪري ڏنو.

ساميءَ صاحب جن جو هي وچن آهي :-

"ڪنهن ڪون ڪين لڌي، اوڏيا ڪلف اندر جو،
لوڙي ليرون لپ ڪري، ڏک اک سڀ سهي،
لياقت ڪري گهر پار جو، ڪنا مڪجهه رهي،
ساڌو سڻڻ پوي، نه سکي لڳي ساميءَ چوي."

ڇا اهڙا مهاتما دنيا ۾ موجود آهن؟ در اصل، دنيا ڪڏهين به اهڙن سنتن کان خالي نه رهي آهي :-

"آگ لڳي آڪاش کي، جهڙ جهڙ ڳرت انگار،
سنت نه هوتي جڳت ۾ جل مرتا سنسار."

اهڙن سنتن جي پرمپرا ۾ سائين ليلاداس گيانيءَ جي هڪ اوچ درجي جا روحاني رهبر هئا. اهو ڪئي لياقت ۽ ويراڳ جا صاحب هئا. ۽ گرهست ۾ رهي به سچا تياڳي هئا.

گرو نانڪ ديو جن جا وچن آهن -

"گرهست ۾ جو رهي اداس،
ڪهه نانڪ هم تاکي داس."

شري ليلاداس مهراڻي وڏي ڄاڻڪاريءَ ۽ شرڌا سان سنتن جي انمول وچنن ۽ ڀڄن ماڻڪن کان وڏو قيمتي وچن ۽ نقطا ڪٺا ڪري هن ننڍڙي پستڪ ۾ درج ڪيا آهن. هن روحاني گلدستي ۾ من موهيندڙ پڇپ آهن. ستگروءَ جي شرڻ، ويساه ۽ پريم، نياز ۽ صبر، ابياس ۽ ڪرڻي، علم ۽ عمل جو

۱۴- تصوف ۽ ويدانت، شاه، سامي ۽ بيدوس
۱۵- جڳياسو ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي
۱۶- هيمون ڪالاڻي.
(ڇڙوڇڙ اَدبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ۽ ريڊيو تان
آيل آهن)

ب - نظم - (اَدبي سڀائن ۾ ڪولا پاٽ جي طرز اچاريل)
۱- اخلاص ۲- لون شهباز آهين ۳- آدم جي ڪهاڻي
۴- شمع شرمسائي ۵- عشق جو مريض (عشق جي
ڳولا) ۶- عشق جو عزيز- عزازيل ۷- عشق جي
پرواز، عيسا موسي ۸- عشق جو نائڪ
۹- ٿا متي ڪاڪ عاشق نڀن ۱۰- سفر ۱۱- قلندرا
آئين ڪر ڪهڙي! ۱۲- سوداگر ۱۳- سنتن ڪيئو
هت ۱۴- نه چا ڻي پيو ۱۵- چرش چڙهي ڪنگري
۱۶- هت حالت نانهه طريقت ۱۷- حڪمتي حڪم
۱۸- سوُن پرلو خزانو ۱۹- گگن ۾ گُڏي ۲۰- ولها
ٿپ ٿري ۲۱- لون پاڻ وقت آهين ۲۲- حال ڪيا
بدحال ۲۳- نواڻي لي يهار ۲۴- سنڌيت جو سنيهو
۲۵- اقرار ڪر نينگر ۲۶- داد و فرياد ۲۷- بيحد
۾ مشهور ۲۸- پيغام ۲۹- اَمانت عشق جي آهي
۳۰ پيداپو، معد بهار.

English :- 1. Beyond The Horizon with Shah Abdul Latif.
2. Sindhi Folk Tales, Metaphysicalized (In verse)
3. God Is Law - A Force Behind Gandhian Cult of Truth and Non-violence.

سک جي اٺم جهلي جهولي
نڪو زور نڪا ٻولي
ڇو اٺم آسرو ساهت صادق کو اُٺندو
جو هيءَ ذخيرو آدب جو روشن نيهن ته ٿيندو

الف - روحاني رازدان
١- شاعري ڪليد
٢- شاهوڙي شاه جو فهم ۽ فهمائش.
٣- آدم جي کهاڻي - شاه جي زباني.
٤- شاه جي وائي جا مُراقبي مان آئي.

ب - تنقيد - ١- "شاه جون سورميون" - پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي
٢- "شاعر بيوس" لڳون موڙ.

ٻ - قصا ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ - ١- بابا ٢- ٻرلاوان
٣- پٽي ورت عرف ميواڙي راڻو ٤- اُذوري آرتي ٥- مهديءَ لڏو ماڳ.

پ - مضمون - ١- سُکي جيون ٢- جُود ڀاوري
٣- خوديءَ کيم هوار ٤- سنڌيت جو سر
٥- سنڌ جا انقلابي شاعر، دلپت، روحل ۽ سچل
٦- شاه جو وارث سچل سرمست ٧- وسند وادي سامي سنت سُجان ٨- شاعر بيوس جي واڻي
٩- وسرندڙ ورق ، شاعر ٽولارام عاجز ١٠- اوجهي جو آدب ١١- قومي ولهر ڀروالا، سنڌ مالر ڏيس جا ١٢- وقت بادشاه ١٣- ممتا

آبدي احوال

فهرست

ڏکيا اکر

صفحو	اکر	معني
١٧	ڪثرت	گهڻا، آدم
	وحدت	هڪ، خدا
	لانفي	حق جي هستي
	نابودي	نيستي
١٨	راست	ساڄو
	چپ	کابي
٣٨	آستوار	مهان آستني،
		مداح
٤٢	ڪُنست	ڄاڻ کان ٻري
	آڪره	لشڪر،
		ڪرڙا رهت
	آچل	آٽل
٤٤	آڪاس	ٻولار، ڪجهه نه
٤٦	گيڻ	ڄاڻڻ ٻو گيڻ
		ايشور
٤٧	گهه ليهه	گرهڻ ڪر
	پنڌ،	طريقو
	ڪت	شڪ، ڇهه
	ڇيد ڪر	ٻار ڪر
	شنيه	ٻڙي، خالي

صفحو	اکر	معني
	ناد	آواز
٤٨	لِتو	آلما، آتم لتو
٥٥	ڏانو	رمز، ٻناوت
	ڏاهي	سياڻي، اشور
	تصديع	جفا، رنج
	صنعت	فن، هنر
	جمعيت	قرار، آرام
	حسرت	غم، ارمان
	عبرت	حيراني
٦٤	ڪالي	سرائي سرمي ٻاڻ
	وڻن	آڪين
٧٤	ٽوڪ	پداوت
٧٥	دُود	دونهون، غيرت
٧٨	حرمت	عزت
	وَجهه	آجرو، مهتاڻو
٨٤	سُڪايا	ڏڪايا
	ٻڌت	پڌت
	ٻاٽا	ٻاڻ ڪمس، انلو
٨٥	مُلّان	ملاء، وڻان

ٻابوُ هٿو بسٽر! تابعدار ٿيا! ڇا بات ڪرڻو باقي! (٣١)




شناس – شريمان پرڀوُمل جيونرام (ڪوي)
رٽائرڊ ماسٽر صاحب – اجمير.

پس نوشته



هٿ ٻڌي اَدب جا، لڳي آهيان اُن سَڄڻ
شل نہ سي وسرن، نظر جنهين نوازي آهيان.
قلندري (صفحو ٨٠)



حق الحق جو بُلند دروازو
درگاهہ دراز

سيوهڻ شريف

سڄڻ سي سونهارا جي لاهي پنهنجي پٽ ڇڏن.
پوءِ جهڙ سوهيڪ سا، جت سمت سڄڻ جهڙ لهن.

سا سنڌ اڄهه سيوهڻ شريف جنهن سوني منڊيءَ هيري جڙيل ٽڪ، سنڌ سڀيتا جو مرڪز. جتي هڪ طرف شهباز قلندر جي درگاهه تي فجر جي ٽمال وڄي- مسلمانن جو مڪو مدينو - ته ٻئي طرف ورن ديوتا لال جهولڻ جي ٿان صاحب ۾ امر جوت ٻري ۽ پوره ڦٽيءَ گهنڊ گهڙيال وڄن، تنهن اُڏيري لعل جي گائڻ سر ٽڪرن جي شيوڪي سنڌ ديس پرديس هاڪاري - سو سنڌو نديءَ جي ڪناري آڳاٽو پڙل شهر سيوهڻ شريف هتان ڀي نظر ڦير ته هن پر -

درويش گياني سائين ٽيڪرداس جا اَباڻا پڪا سيوهڻ شريف جي پڪيڙ ۾ آيا هئا. تنهن درويش جي گڻن جا گيت هن پستڪ ۾ ڳايل آهن. اهو هڪ سبب آهي جو پستڪ جي سرورق لاءِ ياد ۾ لال شهباز قلندر جي درگاهه جو ديدار ڪرايو ويو آهي - ٻيو ڪوئي سبب هجي پڻ آهي ته ليکڪ سيوهڻ جو رهواسي آهي ۽ سندس تخلص قلندري آهي - حوالو پوري رکڻ خاطر صوفي مولچند نواڻيءَ جي صورت ڏيڻ به روا سمجهم - شهباز قلندر جي ميلي تي عمراني نواڻي برادريءَ جو مکيا پڻيءَ مراد جو پُر مقبره شهباز تي چاڙهڻ لاءِ با آدب سرتس ۾ آتش بازي ۽ دهل دمامن وچ سر مٿي رکي ويندا هئا.



نالو وٺي آلک نرنجن جو

نمو شري گڻيش ڳا ڪريون.

آتم درشن - گياني سائين نيرنداس


اوتارو اديبن

شهباز قلندر

نارائڻ قلندري



دادا صوفي مولچند



سرڳواسي صوفي مولچند جن پڻ اِها رسم اَڳئي فرمائيندا آيا.
هن برادريءَ ۾ هن کان اڳ، سائين تيرٿداس ميراني صوفي ٿي گذريا هئا ۽ ان کان اڳ، صوفي دلپت ناواڻي-واه جي نمرتا مورتي هئا. صوفي دلپت جن هميشه ڪنڌ هيٺ ڪري هلندا هئا. پڇڻ تي سبب ڏنو هئائون ته شهباز قلندر جو پڻ سيوهڻ شريف آهي تنهن ۾ اوچي ڳالهه ڪيئن هلان.

ملاقات

طالب ٿيو ديدار ھو
مير درگاھ دراز جو
سُڻيو عشق جي اوتار جو
حق غئبي ساز ھو!

'حق غئبي ساز!' ڪا ڳجھارت نہ آھي، يار، مھربانا سچل! غئب آھي. نہ ہ ٻڌري ڳَتَ آھي. حق جو آھي! تنھنڪري ھر جڳھ موجود آھي. "حق موجود. سدا موجود." ھيءُ ھڪ ٺيڪ ڪلام آھي. درازن جي سائين سچيءَ جي رنگين چتر لي لکيل پڙھيو اٿم. سا سھٽي لکوار، ٻڌاسٽر گيانيءَ جي سپتر جيوترام جي مڪان، سيتان، بمبئيءَ ۾ عاليشان شيشي جي ڪبٽ ۾ رکيل ڏٺم. پنھنجي ٻڌاسٽر صاحب، نماڻي صورت، گوڏا موڙي، با ادب ويٺا آھن. جوت ٻري پيئي.

'عشق جو اوتار!' ھن پد جي ھام ڪنھن ھڻي! بيدل صوفيءَ ھيءُ ڪلام سائين سچل سرمست جي شان ۾ جڏھن درگاھ دراز لي سجدو ڪري پڙھيو آھي. سائين



چاه ۽ ليکڪ

(١) نه آهي عزازيل خالص نه منهنجو،
جو آهي ڪيس ٻهرو لطيفيءَ ٻڌايو.

(٢) هوءُ عاشق ؛ باقي عالم سارو سڌ اُڻايو.
سکهي ڪير تنهن برميچي! مون قلندري چوايو.
نه ٻيو فرق، سالڪ رکن جو، تنهن ڳالهه سمجهايو.

(٣) نه سمجهان، نه ڄاڻان ؛ ڳهيلو جو آهيان.
اُني جو نه آهي، آڃان وات مون کي،
هلڻ ڳالهه اوچي، نه حقدار آهيان.

هن پستڪ ۾ جا گيان وارتا قلمبند ڪئي ويئي آهي سا انهن نُڪتن جي آڌار. ٻيو آڌار آهي سندن ٻولڻين ۽ ڪٿٻ جي پاڻين جي مک مبارڪ مان ڪٿو ڪيل احوال. اهڙيءَ اوسر سائينءَ جي دل جو راز، پنهنجيءَ ٻڌيءَ ٻل ٻروڙي، پاٺڪن جي لاءِ پيش ڪيل آهي.

مراد هيءَ آهي ته جيڪڏهن پاٺڪ هن پستڪ پڙهندي، فيلسوفيءَ نقطي نظر کان اوڻائي پوڻائي محسوس ڪري ته عيار مون ڪمٽيءَ مُهڙ ڪري ڏئي، ۽ نه ڪِ منهنجي محبوب گيانيءَ کي.

سنڌي ڪچول محمد فقيرن درگاه درازن جي قطار ۾ شمار هئا. سندن گدي نشين جسماني جوڙ ڪير ۽ هنجي پٽ سندن روحاني وارث سائين ليڙنداس گياني هو.

گياني، گيانچنداڻيءَ جو ڇوٽو اسم آهي. پر واه جو مذهبس راز سمايل آهي! گيان پرائڻ جي محڪم ارادي دنيوي عدالت کي ترڪ ڏنائون ۽ روحاني عدالت جي نيمن جو پاٺ پڙهڻ لڳا. ورهاڱي بعد ڇڏجي ڪٽي ته صوفياني سنڌ جي ياد هند ۾ تازي رکڻ جو شرف هنن کي باقاعدي حاصل ٿيو.

سائين گياني ڌرمي پستڪ پڙهندا هئا. تن مان ڀ، شري ڪرشڻ ڀڳين مالا ۽ رسالو درويش ڀاي شاه جو، سندن دل جي طاقي آهن. پنهنجي خيالات کي هڪ من هڪ چت ٽڪائي رکڻ لاءِ انهن پستڪن جي آڳيان پنيان خالي پنا شامل ڪري، مختصر ۾ ڇيدا ڇيدا ٽڪنا لکندا رهندا هئا. ڇا ته اپياس ڪيل اٿن! اهڙيءَ رمز ۽ سلسلي وهي پنهنجي اندر جي امنگن جو نقشو ڇٽيو اٿن جو پڙهندڙ کي اهو صاف ظاهر محسوس ٿئي ٿو ته سائين پنهنجو پاڻ کي سمجهائڻ جي من مراد، دل جي پٽيءَ لي روحاني مشق پچائي رهيا آهن. سلسلو ب اهڙي مڪمل طريقي رتيل آهي جو جيڪڏهن ڪو شايق چاهي ته اُن آڌار هڪ خاصو عمدو هدايت ڀريو مضمون لکي سگهيٿو.

"سچل سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪُلّ
اَلف مان آدم ٿيو، ڪري هنگامو هُلُ
جيڪي ڏسين ڏيهه ۾، سو آئيني منجهه انسان
نُورُ و نيشان، سچُل سڀ سرار ۾."

يعني ڪثرت وحدت ڪُلّ اِهو سرار آئيني. ذو ڪنڊ ذات آهي. سرار سرار ڪوئي فرق ڪونهي. ۽ ٻنگون ۽ ٻانهون سڀ انسان آهي. جمڻ مرڻ جي وچ وٿيءَ سڀ پيا ٽا دم ڪٽون. اها واٽ آهي جنهن زور سڀ جيئُن ٿا. ڪل جيو جنتو سملت واڳ معدل ٻاهون ٿا. ٿنهن کي ڪو سنسار چوي، يا چوي ڪائنات، ته حقيقت جي حساب ڪائي ڪمي پيشي ڪانه ٿي ٿئي.

سائين سچل جي ٻولي ۾ هن ڀيد اَڀيد مٽائڻ جي ڏَس ۾ پختو قدم آهي. ستگر ۽ مرشد شبد اهڙي انداز ڪم آندا اٿن جئن سندن ڪلام ۾ تعصبي بوءِ نه اچي.

"لانفيءَ جو ڪلمو مونکي مرشد پاڻ پڙهايو
نابوديءَ جي نشي اندر ستگر سير ڪرايو."

لانفي ۽ نابودي، ساڳئي مطلب، حق جي طالب جي حالت آهي.

نابوديءِ حالت جسم ڪڏهن ٿو اچي؟
پاڻ کي ڪجهه نه سمجهڻ.
نه ۾ گمان کي وڃان وڃائڻ.

حق الحق

اَنا الحق - عبدالحق . حق نه رهيو حق . هيءُ اهڙو اِسم ذات آهي جنهنجو اسم عام يا اِسم خاص کا صورت وٺي نظر نهال نٿو ڪري سگهجي . حق معنيٰ ست . هن ڳالهه کو جهيڙو ڪونهي . پر سنيءَ وادي يا حق نادي ڪائي نه ڪائي صورت ڪڙي ڪري جهيڙو ضرور ڪن ٿا . سچل سائينءَ اهو جهيڙو نبيڻائيندي سوال ، نه لون ڪير آهين ، جو جواب ڏيندي چيو هو :-

"جو ٻي آهيان سو ٻي آهيان
هندو مومن نا هيان ."

ڇا نه سهائيندڙ جواب آهي! سائين سچل جي درگاهه هن فيصلي جو يادگار آهي .

مان آدمي آهيان . جيسين دم اچي وڃي پيو تيسين آهيان . پوءِ جو پتو ڪينهڪي . اڳ الائي ڇا هوس . وڃي الائي ڇا ٿيندس ، تنهن ڪل ڪنهن کي؟ لڌهن چوڻو نه حال جي اَحوال پڪو ره ، ۽ هيءُ سرار جو ڏسيڻو سا اَملهه سمپورڻ سمپتي سمجهه .

وڃڻ کٽي کاڌي آ، نظر اُهوئي ستگر ايندءِ.

پاٺڪ! ايمان رکي چئو ته جي سچل ٽالي هن مصرع جو پورو پل نه هجي ها ته هيءَ وڏواڏي سنت سائينءَ جو سلوڪ سمجهي ڪري اُچارڻ ۾ ڊڪ لڳي ها؟ سچل جا ڪلام جهڙا سائينءَ جا سلوڪ. پاشا چاهي پاڻ، پنهنجي مد نظر، سوکو ناهه چورڻ ته درويش سچل آهي يا سچانند. پنهنجي دل پاڻ کي هدايت ڪندي چوندا:

”مجهه حضور هاديءَ جي، طالب پاڻهون پڌي وهندا ان، جنهن جوانسي مرشد چوندا ان. ڪلمو ڪُفري ڪهندا ان، گرو ۽ گوبند صورت ساڳي، راهه اُنهيءَ ۾ رهندا ان، رنگ رتي ئي رنگ تي، سچا! ناهه اُنهيءَ ۾ ٿهندا ان“

هن هدايت جي حساب ڏسجي ٿو ته چئو سائين ليرتداس جن، پنهنجي مرشد، سائين سچي جن جي پنهان گوڏا موڙي ويٺا آهن.

سائين سچل جي درگاهه ۾ ڪفر ۽ اسلام ٻئي ساڳين ڏنگين حساب جوڙيل آهن. سند جي سيرتا جو پرلوڪ هڪ ۽ حساب آهي. مسلمان لاءِ گرو ۽ گوبند ساڳي صورت سمجهڻ ڪفر آهي. گرو نه ٿيو آدمي. گوبند ٿيو خدا، آدمي ۾ الله شريڪ سمجهڻ ڪفر آهي. گرو جي برابر مسلمانن لاءِ حضرت محمد جن جو درجو آهي. اسلام ۾ حضرت محمد خدا جو پيارو ضرور آهي، پر خدا جو.

وچان! ڪٿهن وچان؟

أنا الحق ۽ عبدالحق جي پٺيان آيو وچان. مان حق آهيان، مان حق جو عبد، گڏ آهيان. اها ٻن جي ٻولي آهي. سا ڳالهه وڃ. مان حق آهيان. ٻنهي منتر جاپ جپ.

ٻه سر ٻه ٻُت آهي.

جي هان. ٻه ٻت خدا آهي، ۽ نه ڪي خدا جو ٻت. اوڏ ري ڪونه ٿا جيون. گهومت آهيون. ٻرائي نه.

وڏي منزل آهي! ڪمر ٻار اُلاري!

چيائين مرشد.

ٿڏهن سائين سچل جن چونڊا ته مان اهڙي ستگر تان وار وار صدقي وڃان.

"هيئو ڏٺي همت وارو، سارو ٻار ڪٽايو،
صدق سچل مان ستگر تان،
جنهن جاٿ جوش جڳايو."

مرشد جي هدايت جو سلسلو قائم رکندي سچل سائين چونڊا:

"جپ، صاحب جو جپ، لا ڳرنئي! گر ملئي،
ترائني ڪپ سان ڪلفت پيو ڪپ،
راست لوڙي چپ، سچل سانئو ستگرؤ."

طرف ۾ ڪوئي فرق؟ ساڄي وچين ۽ ڏائي،

ڇڏي، اُئين ڇڏي ته مان خود پڻ پوڄاري آهيان،

"سچل ڪني سدا سڀني ۾ صنم
ڪرنهس ٻو ڪو ڪم، ٻئي جي پوڄا ٻيا"

سچل سائينءَ، ساري زندگي ڪنهن کي تسلام ڪري ۽ تعصب کي ترڪ ڪرڻ جي سکيا ڏيڻ ۾ سڦلي ڪئي، جڏهن ساڪ سندن گادي نشين پڻ درگاه دراز جي پت پاري.

شمس الدين، گوٺ ترڙيءَ جو زميندار، سائين سچل جي درگاه دراز تي فقيري فراڪ ۾، زندگيءَ جا سڀ ۽ سواد ترڪ ڪري، روحاني لطف ماڻڻ لاءِ پڪو پڻ ڪري آيو رهيو هو. آزمائش مان پار پيو هو، ۽ سائينءَ کي ڏاڍو پيارو هو. سائين جي وفات کانپوءِ فقيري جوت جڳائي رکڻ جو شرف هن کي حاصل ٿيو. درگاه دراز جو شان هميشه برقرار رکيائون. سهڻي شڪل، ٺاهوڪي بدني بيهڪ، سائينءَ جي حياتيءَ ۾ ئي کين يوسف چوندا هئا. گادي سنڀالڻ کانپوءِ پنهنجو نالو نانڪ رکيائون. چوندا هئا ته مان نانڪ ديو جن جو اوتار آهيان. پنجاب وڃي سکن جي تيرٿ استانن جي ياترا ڪئي، ۽ سندن وچ ولهي، صدق سان سکن سان گيان گوشٽ ڪيو ۽ لاڀ پرايو.

نانڪ يوسف جي ديهه تياڳڻ بعد سندي سائينءَ قبول محمد جن، گادي سنڀالي. واڻ جو نظارو هو تسلو

برابر نه مڃيو ويو آهي. اِنهيءَ حوالي اِشارو ڪندي، مرشد ۽ مريد جي آپسي سٻنڌ جي سمجهاڻي ڏين ٿا ته جي لوڪي مريديءَ مان ڪجھ پراٺو آهي، ته مرشد ٻ پورو وساه رکي ۽ مڃتا ٻ رهي. پوءِ ڀلي ڇو نه هو لوڪي ڪلمو ڪري پڙهائين ته لون ذوق مان پڙهج.

سچل سائين اُهڙن اَلله لوڪن مان هو. برابر سچو هو سنڌ جو دلارو سائين سچل سرمست. جتو مرد هوندو سو مڃيندو. يعني جو تعصب کان آجو هوندو سو سچل کي شرف ڏيندو ته واه جو ڪلام پڌايو ته:

”سچ ٿا مرد چون ڪنهن کي وٽي نه وٽي
ڪُوڙيءَ دوستيءَ جو دم ڀٽي نه ڀٽي.“

يعني ته سچل سواري جو قسم ڪاڌل هو، ته سندس دين ڀائي، مسلمان، ڀل ڪٿي ڪانونس ڪنهن موڙي وڃن، ۽ ڇو نه ڪٿي ڪيس ڪافر چون، پر تنهن ڀپ ڀ جني هوَ سچ چوڻ کان باز نه ايندو. جيڪو سو وڻيون وٽون وڌ، نعرو بلند رکندو ايندو. ڪفر ۽ اِسلام جي فرق پاڙ پٽط سندس زندگيءَ جو سار ۽ آڌار هو.

ڪفر! بت پرستي، پٿر پوڄا مسلمان ليکي ڪفر آهي. چاڪاڻ ته هندو ٺاڪر پوڄا ڪريٿو ۽ مندر جوڙائي بت پوڄا ڪري ٿو، مسلمان کيس ڪافر چوندو. پر تنهن ڳالهه، سچل پنهنجي دين ڀائين کي ماس ڏيئي

نه وسرندڙ ورق

وڙالا به ڪا وهل آهي.
لکي ٿي ليکا، پنهنجا ٿاهي.
وٺي ٿي لکن، مرضي سندس آهي.
گهڙيندي گهاٽ عجيب آهي.

سنڌوءَ ڪناري، هن پار، حيدرآباد شهر آهي. ڦليلي واهه، سنڌو نديءَ جي ڦاٽ، شهر جو بندرگاهه آهي. شاهوڪاري شهر آهي. سنڌ ورڪي واپارين جو مرڪز، ۽ ڪامورن جو ڪارخانو آهي. سرڪاري نوڪري پيشي وارن کي ڪامورو چوندا آهيون. هتي ٺلهي ليکي ٻه ورگ، ڀائيبند ۽ عامل. هڪ کي پئسي جو ايمان، ٻئي کي ڪرسيءَ جو ڀانورو.

ڀائي مکڻمل ڏاموڻمل گيانچنداڻي، ڀائيبند ورگ ۾ هڪ ناميارو شاهوڪار سيٺ هو. اولادي هو. پٽن جي قطار هيس. ڀائي امرنداس وڏي پٽ هوس. وڻجار هوس نه ڀائيبند جاتيءَ ۾ اهڙو ڪو لاڪيٽو لال پيدا ٿئي جو عامل جاتيءَ سان برهمڻن جي ڏوس رکي.

هو. سائين سچل جي درگاهه تي جي هڪ طرف ملان
صاحب جي بانگ طالب کي سائين سڳوري جي ياد
ڏياريندي هئي ته اُٿ اُٿي نماز گذار، ته ٻئي طرف
شوجهه جي منڊر مان ناد ۽ وڄندو هو ته گهنڊ وڄائي
منتل هردي کي سجاڳ ڪر.

هن ٻڌي سائين ٽيرٿداس ڀيهجي جهوڙي اَڏائي
هئي، ۽ اُسه ڏينهن ۾ واهي مطلوب اڳيان، صدق نال،
طلب پيش ڪندا هئا، ته طالب جو سفر سڦلو ٿئي.

سندن ڌرم پتنيءَ ڏي جهوري لڳي وئي ۽ سائين
سخيءَ جي درٻار ۾ قبري وڃي ڪئي، ته سندس
خاوند کي واپس گهر ورڻ جي اجازت عطا ڪن. سائين
ٻار گرهستي هئا. گرهستين ۽ گرهست ورتيءَ جو سهاوڻو
ميل طالب جي پرک آهي. سائينءَ اهائي سکيا ڏيائيءَ
کي ڏني جا گوڙيءَ پائي گهر وريا.

۱ نومبر ۱۹۱۲ع ۾ وڏي وڪالت، بئريسٽريءَ، جو شرف نامو حاصل ڪيائون. وڌيڪ ٻه سال اُتي رهي سنه ۱۹۱۴ع ۾ واپس وطن وريا. چوويهن سالن جي ڳڀرو جوان بئريسٽر لاءِ ڀائيبند جاتيءَ کي ناز هو. گهر ۾ سندن ٻچا هئي سندن پوڄ پتا ڀائي منگهارام کي پنهنجي سپن ساڪار ٿيڻ جا ڏينهن نزديڪ نظر آيا.

پر وقت جي رمز جا نيندي آهي سا ڪل صرف ڪال کي ئي آهي. انسان اُن جي اِشاري نچي ٿو. بئريسٽر صاحب کي نڪا وڪالت ۾ دلچسپي هئي نه وري ڪو سرڪاري نوڪري پيشي جو شوق. چنڊجي ڪٽي لــه ساڌو هيرانند جهڙن ڪين سماج شيوا وڌيڪ پياري لڳندي هئي. حيدرآباد ميونسپل ڪاميٽيءَ جا ممبر ٿيا. سيٺ منگهارام خود ۴۵ سالن جي عمر ۾ سنه ۱۹۱۸ع ۾ فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. قدرت، پنهنجيءَ شڪتيءَ جهٽڪ ناهيل زڻ ڏاهي پَست ڪري ڇڏيا. بئريسٽر پُٽ جي شادي شادمانن جي خوشي نه ڪانه نصيب ٿين. ۱۹۱۹ع ۾ شادي ديوان هاسامل جهانگيمل واسوانيءَ جي سپتري سان ٿي. پهريون ٻار، نياڻي، ۱۹۲۱ع ۾ اچي اڱڻ وسايو.

سماج شيوا! سان سات سات سائين ٽيرٿداس جو لاڙو ڌرمي آتمڪ مشغولين ڏانهن پڻ هو. سڀني ديو- ديوتائن کي نمسڪار ڪندا هئا. پر بابا نانڪ جن

مراد پري ڪانه هيس. مطلب اهو هوس ته علم شڪتي آهي، جا هئڻ ضروري آهي. واپاري ذات، عام طور تعليم پرائڻ جي وشيه ۾ گهٽ ڌيان ڏيندي آهي. پئسي ڪمائڻ سان ڪم. انهن طرز قابليت حاصل ڪرڻ لاءِ مڪتبي وديا هرو ڀرو ضروري نه آهي. پر سيٺ صاحب محسوس ڪيو ته پائيندڙ ڪيترو به ڪٽي پئسي پنجڙ وارو ڇو نه هجي، ته به عاقل هنکي برابريءَ جي نظر سان نٿو نهال ڪري. ڪرسيءَ ۾ واهي، گهٽتي وڃائڻ ۾ ڪو نرالو نشو آهي! تنهن هن شخص طئه ڪيو ته پنهنجي پٽ کي ولايت پڙهڻ لاءِ موڪليندس. پهرين پٽ، ڀهران واري. سو پائي ٽيرٿداس پنهنجي واريءَ ولايت، انگلستان، روانو ٿيو.

سائين ٽيرٿ داس منگهومل جو خاندان اصل سيٺ رامومل بمبئيءَ واري جي نالي پٺيان مشهور هو. رامومل سيٺ، سيوهڻ شريف جي واسي پسگردائي ۾ ڳوٺ آراضيءَ جو هو. پڙهن رستي سنڌن وٽ واپار بمبئي سان هلندو هو. ميرن جي راڄ ۾ ٿي هيءَ سيٺ رامومل ناميارو پرک واپاري مڃيو ويندو هو. پائي منگهومل اها پرم پرا قائم رکندو آيو ۽ ڌندو وڌائيندو رهيو.

سائين ٽيرٿ داس جو جنم سنه ١٨٩٠ع جو آهي. شروعاتي تعليم نوَ ودالي، حيدرآباد سنڌ ۾ پرائيائون سنه ١٩٠٩ع ۾ وڪالت، پڙهڻ لاءِ انگلستان اُسهيا.

چنب ۾ گهڻ جي ڳهڙي واري ڪار ڪري اچي پهتو
هو. گهڙو ته ٻڌو. گهڻ ته وڌي ڇٽو. مزوري ته ٽالوڻ
ٽڪجي ويئي. شادي شده ۽ ٻڍاڙيءَ جو ٻئي ۽ نوڪريءَ
نه ڇڙهيو. اڻلڌو فقيري پائي ويٺو نه سياوڪ هو نه
مائٽن جا رڌا ڏڪڙا لهي پئون. ٽئسي جي ٻرواه ڪانه
هئي. ٻر اميري واراوڻ لڏهڻ فقيري رنگ روپ،
نه نظارو ذرا ڦڪو ٿي لڳو. دل روئي پيئي. اڪ
۾ ڪڍيو پيو ڇڏي. ٻروس ڪهڻجو ته نه هئي. ماڻا
ڪان رهيو نه ٿيو، نا پهڻجي پٽ مولچند کي ساڻ
ڪري لوڪ لڄا لاهي سچل جي ٽڙي ٻهتي. ٻر جنهن
کي اشو اپنهن نو رانيءَ جو ڇڙهيل سو ڪٿي ٿو باز اچي!
اٿانون رنگ جهڪو سو ڪليو ۽ ٻڪڙيو.

چار پٽ هئا. ٽيرٿ داس، نوپٽداس، ڳلاٻراءِ ۽
مولچند. ٽيرٿ کي جا ڇڙهي سا نوپٽ کي وڪوڙي
ويئي. ديوان گهيمل سان گڏ دادا نوپٽداس ۽ سڌن
پيٺيو، پائي نيمنداس پٽ وٽا هئا.

پائي نيمنداس لڏ بروقت موني آئو پر دادا
نوپٽداس ڪجهه عرصي لاءِ اُت رهيا. عرصو ٿو روئي
رهيا ٻر گهو نگهت جي پٽ ڪولڻ لاءِ عرصو ڪو سوال نه
اهي. هت مهل جو سوال آهي، مهلت جو نه هي
آيا سي اگهيا.

دادا نوپٽداس ڳڙر ۾ آسڻ لڳائڻ شروع ڪيو هو.

جي پٽ ڌاڙهن جيڪو سو سرس مائل هوندا هئا. بابي نانڪ جو چتر به پنهنجي مبارڪ هٿن سان چٽيو هئائون. بس! ناليءَ ۾ ته چتر هو پر حقيقت ۾ سندن زندگيءَ ۾ گنڀير موڙ جو باعث بڻجي پيو. ديوان ڪيهيمل عدالتي ڪاليءَ ۾ هوندا هئا. ان سو چتر ڏٺو. ڏٺو ڇا! پر گرو کي وڃي گهٽ ۾ ولٽي. اچانڪ سندن مکيان واڻي نڪتي ته بئريسٽر صاحب هل ته لوڪسي ساڪياست بابي نانڪ جو درشن درگاهه دراز تي ڪرايان. سچل سائينءَ جي درگاهه دراز هندو مسلمان ڪي پياري هئي. جنهن وقت جي ڳالهه آهي تنهن وقت سائين سخي قبول محمد جن گادي سنڀاري ڪري ويٺا هئا. برابر آهي ته سائين سخيءَ جي مرهيمند صورت بابا نانڪ جون سڪون لاهي ٿي.

بس انهيءَ سنگ جو رنگ چڙهيو سو چڙهندو ئي رهيو. سائين ٽيرٿداس جن الٽان واپس نه وريا. ورن ٻ ڪٿن! هو ته اڏجي ويا. سائينءَ سخيءَ جي نظر نوازجي ويا. بس فقيري پائي ويهي رهيا. هٿن جا ڪذوري تنهن لاءِ ڪو عذر نه ڏٺي سگهيو آهي. ٿيءَ، چاڪاڻ ته ٿيٺي هئي. سا ٿسي ڇڪي. تنهن نتيجي نه هرڪ ته سوڳ.

پر پروار نراس! ڪاري بادل ڇانئجي ويئي. آس اميدن جو اوساري ڪيمل رنگ محل ڇٽڪ اک

"پيارا! پرم پيارا پتا مون ۾ ڪا به وصف نه آهي. منهنجن مدائن ڏي نه ڏس. منهنجو ٿيل ڪرم ڪٽي ڪرم ڪج. هي ڪرم ساز! ڏاڍهه ڏٽسي ڪرم ڪري هن دکه جا بند خلاص ٿين. بس ٻي ڪا به آرزو نه رهي آهي."

"پران پيارا! آتما نه اڳي لوڪان ڌار هئي نه هينئر آهي ۽ نه پوءِ هوندي. هيءَ گيان پورن آهي. پر سراسر مون جهڙي اپورن ۾ آهي ڀرپور! مون داس کي قبول ڪريو. ملائي پاڻ ۾ هڪ ڪري ڇڏيو."

وقت پورجي آيو. ٽڪ ٿي. سائين سخي راهه رباني وٺي پنهنجو ڪيٽ لاءِ لاهوت لڏيا. پٺي صادق پائر درازن وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. اٿ ڏاڪڻ ۾ لهرت چيو "پاءِ نوڙڻ! مان ته ڇوري ٿي پيس. سا ٻاهر پير ڪڍڻ ڪيائي! بس پوءِ اندر ئي رهيا. رات وچڙي، ڪڏهن ڪڏهن ڪن جزوي پرڀاتوان مترن سان هوا خوريءَ لاءِ نڪرندا هئا. نه ته نه پنهنجيءَ تن ۾ روحاني دربور دربار لڳائي پنهنجو پاڻ رجهائيندا هئا. پٺي پاڻ پڄاڻائون.

واه ڙي واهه وقت بادشاه! تنهنجي به خوب ڏني سون! ٺرسٺريءَ مان بابو بيراڳي! هيءَ واقع قريب سنه ١٩٢٥ع ڌاري ٿي گذريو. يعني سائين ليرت داس ٣٦ سالن جا هئا. ڏهه سال کن انهيءَ طلب طالب جي حالت ۾ رهيا. "تن گرهستي، من بيراڳي" پاڻ پٺي اُنلائي پتلائي پڪر ڪيائون.

ڀائي ٽيڪمداس، جپان ۾ ڪارخانو سنڀاليندا هئا. دادا ٽوپڻداس ڪجهه وقت لاءِ اتي ويا جتان سائين سڌيءَ جي سنڌر پرت پورڻ تصوير تيار ڪرائي کڻي آيا هئا. سا تصوير پنهنجي ڪمري جو سينگار بڻائي رکي هئائون. جنهن وقت بادشاهه جي زور زبر سائين ٽيرٿداس جن واپس گهر وريا ته واهه جي جهنگل جو ڙي جو روحاني اَڀياس ۽ آسڻ لڳندو هو. اڄ اها تصوير ڀائي جيوترام جي مندر مثل مڪان ۾ شرڌا پوروڪ پوڄي ٿي وڃي.

دادا ٽوپڻداس جي وچار ڌارا جا ٻه مکيه انگ آهن، "آپگهات" ۽ "پرارٿنا مضمون". آپگهات مضمون ته سنتن مهاتمائن جي سُر "هردم رکو ياد ويلا مرنهدا" جي رمز آهي. چوندا هئا.

"پنهنجي سر جو پنهنجي هٿن سان اَنت آڻڻ کي آپگهات جي گهٽ نه چئي سگهجو. آتما پرماتما آهي. جسم مرڻ خيال آهي. ليڪن سر جي موهه ۾ اچي ڪري حرص هوس جي سرانجاميءَ ۾ وقت خراب ڪرڻ آپگهات ڪرڻ جي برابر آهي. هن لحاظ انسان پنهنجي هٿيا سراسر هر ڪڻ ۽ هر گهڙيءَ پيو ٿو ڪري. انڪان ساوڌان رهڻ گهرجي"

پرارٿنا جو مضمون ڇني ڇوريءَ جي دل سوز آواز، آزي نيزاريءَ جي ڀاونا سان، ڀر آهي. عرض ڪن ٿا.

ڪرڻ، هن ميان يوسف جو نت نيم ٿي ويو. نام جپڻ سمرڻ خوراڪ هئي. پريمي نمازي، سائين ٽيئونداس جو رهواس درويشن جو اُلارو ٿي پيو. بُڙ بسترو ٻڌي، ڇُڙي ڪٿي ٿي غائب. هي جا نظر پيئي اُچي سا ڇا پيئي پڙهي :-

يوسف نه آهي لا! لاهوتي
سونهن جو سردار سو، يار لاهوتي
ٿالي سنسار زليخا جو آهي يار پاڪي
تابعدار ٿيا! ڇا بات ڪريو باقي.

اولارو آهي! ڇا نه مذهبي پستڪن جو ڀنڊار آهي! سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري کان وٺي هاڻوڪي شاعرن ليکراج عزيز سرڳواسيءَ تائين اُپياس لاءِ پستڪ ميسر آهن. گرو نانڪ ديو جن جي واڻي، ۽ درويش بُلي شاه جي ڪلام جو رسالو موجود آهي. چندا ڪاشي سائين هيمراج جن جي ڪتا وارتا جا پستڪ به رکيل آهن. فريد بابا، ڪبير، نام ديو، چرڻداس، سکديو ۽ ٻين پوربي ڀڳتن جا سلوڪ ۽ ڪوتائون به پڙهي آنند وٺڻ لاءِ ملن ٿيون.

هڪ خاص ڳالهه جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سائين ٽيئونداس جي اُپياس جو دائرو ڪيڏو نه وسيع هو، سا آهي اُهڙن شاعرن جا بيت جنجا نالا، عام جي نه پيا ڪانهي، پر ساهتڪارن مان به ڪن ٿي پتا هوندا ۽ سي

پاڻ پُوڄاري

روزا ۽ نمازون، اي پڻ چڱو ڪم

- شاهه -

بئرسٽر ليرٿداس منگهه‌مل جون عجيب و غريب عڪسي تصويرون مون ڏٺيون آهن. يلا! ڇا ته صاحبزادو ٿو لڳي. ڪمنڪ لنگوٽ، سر مٿي ٽوپلو، چوڦيٺي گاڏيءَ تي سوار، پرستان شهر حيدرآباد، سنڌ جو پئرس، اُهو ٿئي سار رنگيلو هوا خوريءَ لاءِ پيو وڃي. دلبر پيو لڳي، دلبرا وري ڪٿي ڏٺيس ته ڏاڍي ڳنڍي جوڙ ڳل پٽو پاتل ميونسپل مشعلن جي قطار ۾ سيٽ جو ڪ بيٺو ويٺو آهي. وارن ۾ گهڻي ۽ اکين ۾ شوق. بالم! ائين پيو مشڪي جڻ ڪنو آرسيءَ اڳيان بيٺي، پنهنجيءَ سونهن تي پاڻ مستان، ڪپڙن ۾ اُتي نه ماپندو هجي. جيڪس، يوسف ميان زليخان وارو ڪٽي ڇڏجيس.

پرهن جي پرتما جو نالو زليخان نه هو. ساڪيس به خبر ڪانه هئي. تنام سان لاڙن لڳائين. لام جو جاپ

سائين ٽيرانداس جن گڻن جو ٻانت ڪو ڪيو هو سي ڪڻ هيٺ ذڪر ڪجن ٿا:

١. چاه ڇڏ - سنگر سون وٿ - پنهنجو سروپ سڃاڻ.

٢. وشواس - صبر - نياز.

٣. ٽروٽرتا - ڪشالتا - ڏکر کان ڦاقا.

٤. جيوَ وديا - آتم وديا - ٻوڌ وديا.

٥. ڀڳت سماڌ - يوگ سماڌ - گيان سماڌ.

ٻيو ڏاڪي ڏاڪڻ. ڏاڪي ٽي چوڻڪ ٻيج وڪار ٽموڙلي سنسار. وڪار وس ۾ ڪري ؛ ٽموڙليءَ جو چمتڪار وڃاءِ، تان جو جيڏانهن ڪرڻ نظر تيڏانهن هڪ رنگ هڪ مست آءٌ آئي آءٌ اُنيوءَ ڪران.

آهن، خير محمد، صالح شاهه، نصير شاهه، اُميد علي شاهه، بهاول شاهه، ٽيپو خان، ٻچل شاهه، ورِيال، شاهه محمد، مرسل شاهه وغيره. اڀياس گهرو هوندو هون. جيڪي دل کي ڇُهي ويندو هون سو ٻين کي لکندا هئا. جي پڻ ورِي خاص ٻن پستڪن سان شامل ڪري ڇڏيا هئائون جي پستڪ هئا، شري جي ڪرشن ڀڳتن مالا ۽ رسالو ڀلي شاهه جو.

اِهي ٻڌا سائين جي دل جي اُمنگ ۽ اُڇل جي فهرست آهن. روحاني راهه تي ثابت قدم رهڻ لاءِ ڪيل اڀياس جو ڪافي ثبوت ڏين ٿا. جيون مڪتي ڇا ٿيندي آهي، ۽ جيون مڪت ڪير آهي؟ اِها سندن کوج جي وشيه هئي ۽ سو پد حاصل ڪرڻ سندن پڻ هوندو هو. مدنظر اڀياسَ، پاڻ جو سلسلو هن رِيت سولو ٿيندو.

١. من اُچاهه
٢. ويساهه
٣. ڪرڻي مهما
٤. ڀيد اُڀيد
٥. سماڌ مهما

"اِلٽي ڳڻ هون! سو سنت* هيءُ هڪ ڀڄن: آهي. سنت اُڪيچار ڳڻن جي کاڻ آهي. هن ٻاب جي حساب

„پاڻ پُڇي ٿي ڪر ستگور کان
„روپ اصل ٿون ڇا ھين."

جواب ۾: „ڇني جيه ڪرشڻ چوڻ مڃ موڳا!
„سمنن سان جي ۾ راهين،
„پاڻ ڏٺي ٿون سڪل جڳت جو
„پوءِ وڃي ڇو دانهين.

يعني ٽن ڏاڪن جوڙال ڏاڪڻ آهي.

١. ڇاه ڇڏ
٢. ستگرسن وڃ
٣. پنهنجو سروپ سڃاڻ.

جي طالب اهي ٽي ڏاڪا نه چڙهي سگهي، ته چوري ٿي پي لي چڙهڻو پوندس. سادو سوڌو پڇن آهي ٿنهن جي ياد ڪري :-

چوراسيءَ لي چڙهڻو ٿئي،
ڙي من! دلا مت پرڀا ٿئي،
ڏاڍو ڙي من! پڇتائڻو ٿئي.

ٿهڪري گرؤ جي سان ٻُڌي ملا موه لساڳي، هاڻ ڪڇهه ڪري وڃ، نه ته پوءِ ٿيندءِ پوئتي، پوءِ نه ٿيندءِ هٿ.

من آچاهه

"بس ڏسي چو پليو آهين!" ڪري رامچند دادوءِ جو هيءُ نسخو روحاني ڪوچ ۾ مشغول طالب لاءِ، مثل أبدي سبق آهي. شري جڳ ڪرشڻ ٻيتن مالا ۾ ۱۰۸ ٻيتن آهن. سائين جن صرف ٻن ٻيتن لئي نئي خاص نشان ڪيا آهن. ٻيتن ۴۹ ۽ ۵۰ حالي حوالي ۾ هيٺيون مصراعون مطلب واريون آهن:

" من چاڪي تو تون چاهين؟
" تن ماس هڏ آهين." - ۴۹ -
" ڇڏي جڳ ڪرشڻ سڀ ڄُ من منهنجا!
" چاهه ڇڏين تہ نہ لهين" - ۵۰ -

سکيا آهي، تہ سرير جو موهه ڇڏ سرير جو موهه ٻڌائين لياڪي سگهندين، جڏهن 'چاهه' ڇڏيندين. حرص هوس، جا من مواس جي اَنڌ مغرلي آهي، ڪان جڏهن ڇوٽڪارو پائيندين، تڏهن وهي جيڪو سو سرير اَندر سوکم سرير جي حضوريءَ جو احساس ڪندين. يعني 'روپ اصل' جي ڄاڻ پوندءِ. پر تنهن لاءِ:-

مرشد جي ڀلائي هوندي. اُلٽا اُهي فقير چوندا آهن. "مرڪائي ماڳهائي هو." جو نه مذهب جا مبارڪ هٿ ڪجهه وقت وڏڙڪ نصيب ٿيندا.

سائين لڇمڻداس سوي آنند صاحب گرمکيءَ ۾ پڙهندا هئا. ٻهراڻن ٻرسن تي سندن هٿ لکيل هي سلوڪ آهي:-

"پرني ڪدي نه هوءِ، جن ڪي اَرداس"

بلڪل صحيح. پر "ٻڌڻ ڪم اروچن جو". سڀئي نه وو! وو! گهڻو ئي ڪي ڪري، پر ٻهل نه جڏهن ٻڌي. چپائين ڏاڙج ڏر. ولساه جي پيڻهه ڏاڙج. طالب ۾ صبر شڪتي هئڻ گهرجي. صبر جي ڪمان مان چٽل تير اوس نشان چٽيندو. "ايڪ ديوي دس پاوي، پيچ ڪامروئا ڪونه ڪاوي" سلوڪ ياد هئڻ گهرجي. انهيءَ ڏس هلمو نه اَرداس وئبرنت نه وهندي. 'پيچ ڪا مرونا، مراد آهي، طالب جو روحاني راه ۾ هلندي هلندي اَهڙي گهاٽ گهڙڻ جت وشواس شڪتي ٽٽڻ تي آهي. سڀئي ته هلي هلي ٿڪي هئي نه جو هٿائين نه صبر؟ شڪر ڪي مان ڪاڏي ڪندس. لڏهن شاهه صاحب چيو هوس نه، اهو ڪم ڪچن. "آسرو م لاهيج" اهو منتر آهي وشواس پڪي ڪرڻ جو، جڏهن حوالي ۾ ڪوي لولارام عاجز چرنتا "وڃڻي ايڪ ومسه جو" ابدي قدم ٻرون نه ڪرڻو آهي. اڄڪي وڏو لڏهڪي

پسان ڀيو

وساهه

ٻيو وڏو ڇا وساهه؟
چيائين: وساهه.
ٻيو ڪهڙو ٻيلا؟

چيائين طالب ڪيترو به لذيذ ڇو ڪين هجي، پر جي کائيندڙ جو هاضمو ڪمزور آهي، ته کاڌو زهر ٿي لڳندو. خوراڪ نه. روحاني عمارت جي اوساري ڪي ڪجهه، تنهن لاءِ وساهه گهرجي ۽ جنهن جو ڪم ڪندو آهي. طالب ۾ هي ڳالهه ضروري آهي، نه ته جهڙي کاڌي ۾ اوڳرا، پر جهڙي ڪجهه ڪئي کاڌي فرق. پڪي حالت سندس هرهڪ وقت ويندو. هڪ فقير جي ڳالهه ڪندا آهن ته ننڊ ۾ آرامي هو ته بدن تي چئور محسوس ڪندا هئا. اک کوليائون ۽ وري ڪنڌ هيٺ ڪيائين. چيائين ته سندس مرشد ڪالهه ڪهڙو ڪٿي ڪجهه لاءِ ليکو ڪئي آهي. سوچيائين؟ ته سرچڻ جو سوال ٿي نٿو اٿي. نصيحت ٿي سمجهي پيو، ۽ انهن جهڙڪ اڳوڻو ننڊ ۾ هو. مرشد ماري! ضرور ليکهه

باب ٽيون

ڪرڙي مهما

وهنوار ڪسوٽيءَ آهي. پرکيو اٿئون. پر مَن سان هلندا پئي اٿئون يا نه. هن نسبت سائين ٽيڪچنداس هيءَ چٽايو آهي:

مَن سي وهي نروئتا - مک سان متا بول
لن سوُن رکيا جيو ڪي - چنڊداس ڪهي ڪول"

يعني ته، مَن ۾ مکہ جي عمل ميلاپ جي پاٺ جو اڀياس ڪيو اٿن. ڪرم ڪر. شرطاءَ نه - سوڀي سولو. پرترونُونا گڻ حاصل ڪرڻ ۾ انتي پيروي ڪرڻ ڏاڍو اوکو آهي. شاهه صاحب جي سکيا آهي ته "اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو کائي." تنهن سيتي کي ڏسڻ وارو آهي. ليکو چوکو انهيءَ کي رکڻو آهي. قاضي سچ جي من ۾ وسندو آهي. جيئن سائين بيوس جو پڻ چوڻ آهي ته "آڳو سچ جي اندر آهي." ٺهه ڪري تون چپ ڪري وسندو مزو ڏس. اڳلي جو وواڪ پاٺين کيس ڪائي مارينده. تون بدلي وتڻ جي پاونا نه رک.

اچڻ تي وٺڻ ڏي. هٿ ڪر ڪالڪون. سائين ٽيرٿداس چوندا ته سڌڪ واري طالب جو مطلوب سان ميلاپ جو رستو ڳولهڻ گهرجي. بلڪل رسڻ جي راهه اختيار ڪري. ڏوراپو ڏيئي. "هري هر اُستوتر" جي سري هيٺ پنهن مالڪ خالي پڇي ٿي سندن هٿ لکيل هي گيت آهي:-

"هري هر هري، هر هري هر هري
ميري بيڙو ڪيون اتني دير ڪري
تيرا نام هي دک هرڻ دنيا ناٿ"

مان پتت. تون پتت پاون. "آپنا برد پڇاڻ" مجهه سي ڪچُو نه هو. ائين ڏوراپو ڏيئي نماڻائي سان ڪرتاري کي ڏوري سونپي ٿو ڏس. ٽلڪ سائين ٽيرٿداس پڻ ه هڪ گيت لکيو آهي:-

"دادو دعوي دُور ڪر. بن دعوي دن ڪٽ
ڪيتي سُودا ڪر گئي، اِس بازار کي هٽ"

يعني حجت ناهي هاج. هيءُ در نياز جو آهي. هيءُ پيا ٽي ڏاڪا.

١. وساه
٢. صبر
٣. نياز

هو ڏاڍهن فقير معذور ٿي وڃائي. تنهنڪري فڪر ۽
فقير ٻئي گڏ نٿا ٽڪي سگهن. فقير کي اهڙي رهڻي
سوڀيا نه ٿي ڏيئي. توڪل جو ترهو فقير جي جيوڻي
جي مهما آهي.

ته ڪرڻي مهما جا هيءُ ٽي لڪتو آهن:-

١. ترو ترولتا.
٢. سرو ڪلياڻ ڀاونا.
٣. نڪر ڪان ڦاڙو ڪيڻ.

ڪرڻي مهما جي حوالي ۾ فقير جي ڳڻن جو ذڪر ڪندي هي گيت ڄاڻايو اٿن:

”فڪر فڪر سڀڪو ڪري، فڪر سڀ ڪا پير.
فڪر ڪا فاقا ڪري، تاڪا نام فقير.“

وڏي راز ڀري ٻولي آهي. فاقا ڪيا ٿو. روزا رکيا ٿو. پر فڪر لڳو پيو اٿس عيد جي ڏهاڙن جو. نه پوءِ ڪهڙو فقير آهين. فقير کي سدائين عيد آهي. ڇو جو هن کي فڪر ڪونهي. فڪر ڪان فاقو اٿس. ٿورن ورت رکيئو. ڪاڏو ڪونه ٿو ڪائين. پر عيد جي آسري فاقو ٿو ڪيئن. اهو بندن فڪر جو ترجمو آهي. بندن مڪتيءَ جو ضد آهي. عيد جي فڪر پورال فاقو مڪتيءَ جو ساڌن نٿو ٿي سگهي. پر فقير جي زندگيءَ ۾ فڪريءَ جو بيان آهي. سندس ڪري هو مڪت آهي؛ فاقو رکي يا نه رکي ڪوئي فرق ڪونه ٿو پوي. هن حالت جو ذڪر ڪندي سائين ٽيڪنداس هيءُ سلوڪ ڄاڻايو آهي:-

”مڪتي تاڪو هوت هي، جا ڪو هوت بندن“

يعني سنساري جيو جو بندن ۾ آهي سو مڪت ٿيڻ جي سوچي. پر فقير جيڪري ئي مڪت آهي. ڇو جو هن کي فڪر ڪونهي. فڪر فقير لاءِ ڪيپر چنولي آهي. فڪر جي حالت وياه جي ڪميءَ جي نشاني آهي.

هن راز جي سمجهاڻيءَ، سائين ٽيرٿداس هڪ هيءُ
سلوڪ ڄاڻايو آهي.

"آتم برهم اڀيد پڇاڻو- برهم آتم ۾ سڀ سمائو.
دونو سمت چت آنند روپ ٿانتي اُلهٽي آنند سروپ"

آتم کي حد آهي. آدمي آتم آهي. برهم لاحد آهي. فقير حد لاحد کان ٻاهر آهي. فقير برهم جي برابر آهي. پر آدمي نه آهو پڻ آهي. "آدمي سي فقير هوئي هنه". ٿڌهن چيو اٿن ته آدمي بي‌نظير آهي. يعني آتم ۽ برهم ٻئي اَڀيد آهن. يعني ٻنهي جي وچ ڀيد نه رکيو. سراسر ۽ سوُڪير سراسر. جيڪڏهن سوڪير سراسر اَڀيد آهي ۽ نه سراسر ۽ نه اَڀيد سمجهڻ گهرجي جو اَعزو ڀيد ڇپايو تو ستسار ۾ ڦرلي. عزٽي وَستوُ. اَمر ڪهاڻي! فانيءَ ۾ بقا.

آلهڪ وڪاس سنهڌي فيلسوفي، تصوف ڇنڊڇاڻ لما ويدانت، هن راز جوٿي بيان آهي، ته فانيءَ ۽ بقا ڪوئي ڀيد نه آهي. جي سهاڻ آهن، جي اُڀري آتم سجاڳ آهن، سي سڀ اهڪ سمان ڪتا ڪٿين ٿا. سالڪ، هر ولي انهيءَ راز سمجهڻ جا ڳالهه لاءِ، ٽين شيخ آهن، ته انسان خدا جو عڪس آهي، ۽ خدا انسان جو. جي خدا سڃاڻڻ اُٿيئي، ته انسان پڇاڻ. هيءُ هُن کان اَلڳ نه آهي ۽ هوُ هِن کان. يعني آتم برهم اهڪو جان. ڀيد سڀ آهي. اهو سسوميت نه پوءِ ٿون ٽاپ ٽهج جي من ورتيءَ کان آجو رهندا ٿي. ٿون مڪت آهين جي انسان

باب چوڏهون

ڀيد اَڀيد

فقير جو درجو جيڏو ئي اعليٰ آهي، اوڏو ئي اوکو. فڪر کان فاقا ڪيڻ سا فقير جي پهچاڻ آهي. پر فڪر جو دائرو ڏاڍو وسيع آهي. سائين ٽيئرنداس هڪ سلوڪ چاڙهيو آهي جو هن حوالي ۾ معنيٰ رکي ٿو.

”آتم ديو ايڪو مانو، نروڪار ڪو نسچت پهچانو.
پُن پاپ ڪا سنسا ميٽو، اڪره اچل آپ ڪو پهچانو“

”پُن پاپ ڪا سنسا ميٽو!“ نرموهي ٿيڻ سولو آهي. پر پاپ پُن جو سنسو ميٽڻ هڪ نرالو هُنر آهي. اِئين نه آهي ته پاپ پُنَ ڪو پيدا ڪونهي. پر مونکي ٿو لڳي. يعني پاپ جي سزا، پر پُنَ جو ثواب فقير لاءِ ڪائي معنيٰ ٿو رکي. جي فرق رکيائين ته فڪر پيدا ٿيندو. فڪر پيدائش جو باعث ۽ مڪتيءَ جو ضد. ته پوءِ فقير نه آهي. سائين سچل چيو آهي ته فقير حد لاحد کان پري آهي. جو حد لاحد ٿي پار پيو تنهن لاءِ ڀيد اَڀيد جي درشٽي ڇڏڻي ئي.

ڇپائيون اهي ۽ مٿيا ڄاڻ. شاهه عبداللطيف جيو سسئيءَ کي ۽ ۽ اي نيڏي! آهي ته هڪ ٻر ڪي ٻه مڃي هلن ٿا. تون وري نسي ڏسڻ ڪتان سگهينءَ. هيءَ اکرن جي الجهڻ آهي. جنهن لاءِ سائين ليرتداس سلوڪ ڄاڻايو آهي:-

”نام ٻيڻ تي ٻيڻ ٻر ڪاشي، اَرٿ وچار ٻيڻ ٻاسي.“

سائين ليرتداس، پنهنجيءَ زندگيءَ جو سفر، انهيءَ اَرٿ وچار ٻدا هٿا. ڪيڏانهن نيڏاڻ جي وريءَ جو وناس ٿئي، ته جيو سرير ۽ آتم اَبناسي ڌنو جي سمانتا جو اَحساس ٿئي. آتما ۽ پرماتما ساڳي سُر عدر آواز آهي. سڌ ۽ ٻڌاڻو. شاهه صاحب جو فرمان آهي. پر نظر کان غائب آهن. تن ٿي نظر جي دائري اَندر آڻڻ لاءِ هيءُ، جيوُ سرير ٻڌيو آهي. يعني، سرير وصال سيج پلنگ تي وڇائل چادر موافق آهي. هيءَ حرفن جي حرڪت آهي. حقيقت ۾ آتم برهم ۽ جيوُ، ٻيهو پند، آڪاس سمان آهن. يعني هڪ ئي هيءِ، ٻيا ٿورپي ٿڌگي، هڪ رنگ، اَڇي چادر آهي. هن راز جي ڄاڻ مڪتي گيان آهي. ۽ جو هن برهم گيان جي آڌار پنهنجو وهنوار سنوار ٿو، سو جيوَن مڪت آهي.

هن حساب، تن ڏاڪن جو نالو رکيو ويو:-

١. جيوَ ودّيا

٢. آتم ودّيا

٣. برهم ودّيا

اِئين سمجهي تہ مان ڪريانٿو نہ ٻيو ڪري ٿو ؛ ڪرم ۽ ڪرمن ڦلن جي حساب ڪيس هلڻو پوندو. پر جي سمجهندو تہ هر ڪا ڪرتا هو پاڻ آهي، نہ ٻيو ڪجھ، پوءِ ڪٿا بہ هو پاڻ آهي. اهڙيءَ من ورتيءَ وارو جيون مُڪت آهي. نيارو ناسي، ذات اَبناسي. هن پاونا پريل سلوڪ نامديو ڀڳت جو، سائين جن ڳاتائو آهي.

”نام نامي ۾ ڀيد نہ ڪوئي.

جوئي نام، نامي هي سوئي.“

ڀيد اَڀيد جي ورتي ڀڳتي وچڙ طريقت آهي. ساڌن آهي. ڇاجي لاءِ؟ حقيقت جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ. جو هن پد رسيو، سو سڄاڻ پرش سڏبو. تصوف داني هن حالت کي معرفت چوندا، ۽ ويدوادي، برهم وديا. هڪ أنا الحق جو نعرو هڻندو تہ ٻيو اَهم برهم اسميءَ جو ناد وڄائي ٿو. سياڻن، سرب آنند آهي.

اَهڙي ڪامل شخص جي ڪلپنا ڪندي، سائين ليرنداس هيءَ سلوڪ بہ ڳاتائو آهي.

”آلم برهم جيؤ اڪو مانو. ليدو پد آڪاس سمانو.“

ليدو پد! ڇا معني؟ سرلو ۾ سوکم سرلو. سو نہ پڌو اَڻٿون. اِنهيءَ دوبيائيءَ درشٽيءَ کي نہ دنيائٽر آهي. پر ٻيو بہ ڪجھ ٻڌڻ لاءِ ملي ٿو. ۽ سو آهي

”مڙهيءَ مڃهہ مڙهي، لڌهن ۾ مڙهي مڌب جي.“

پڙهڻ ڪرڻ وهين، ۽ من مست اُلائي ڪيتي پيو وسي ۽ نه پوءِ پڙهڻ وري ڇاجي ٿي. من چلائيمان: لنهڪي ڪابوءِ ۾ رکڻ جو علم پراڻ ۽ اُنجو فائدو وٺ.

ٻوڪ سماڌ سبق پيو. ٻوڪ سماڌ جو واسطو پراڻاياما سان آهي. جڏهن اندرٻون ٽس ۾ رکڻ سکيو هوندين تڏهن پراڻايام جي ڪثرت ڪري سگهندين. ٻئون ڏينهان لڳاتار لاءِ پراڻ ڇاڙهڻ جي فن ۾ قابل هئڻ بلڪل ضروري آهي. ۽ هيءَ ڪثرت خطرناڪ به آهي. لنهڪري ٻورو ٻيڪو اُيياس هئڻ گهرجي. سلوڪ آهي.

"آسن پراڻايام ڪر، پوءِ پنت گهي ليهه
ڪٽ چڪرڪو ڇيد ڪر، ڏيان شبد من ڏيه
آپا وسري ڏيان ۾، رهي سرت نهه نناد.
لين هو ڪريا رهت، لاڳيءَ ٻوڪ سماڌ."

ڏيان ۾ رهڻ يعني سڀ سرت ڪان نورت. ناڙيءَ جي چال جي نه سرت نه رهي نه ساه ڪٿي پيو ٿو پانه. سرلسر جي جاڻ بلڪل پيلجي وڃي. جي وڃون ڏنسگي وڃي، ته ڪل نه پوي پار ڪي. شاهه عبداللطيف سماڌيءَ ۾ هو ته واري لٿي وئس. نه پار ڪي سماءِ ڪو نه پيو! هو پنهنجيءَ مستيءَ ۾ رهيو تان جو تن ڏينهن ڪاپوءِ پڻ اُٿي کولهي لڌس. هيءَ آهي سماڌي.

باب پنجون

سماڌ موما

عليل معنيٰ بيمار، روحاني عليل. سريرڪ عليل جڏهن سرير جي بيماريءَ لاءِ تازي هوا کائڻ لازمي آهي، تڏهن روحاني عليل، يعني جو روحاني عشق جو مريض آهي، تنهن لاءِ سماڌ ۾ رهڻ لازمي آهي. سماڌ ۾ هڪ وگيان آهي. سائين ٽيئرڏاس هن وگيان جي کوج ۾ مشغول رهيا آهن. هڪ سلوڪ چاڙهيو اٿن ته:-

"گيان رهت، گيانا رهت گيئه اَرجان
لڳي ڪڏهي ڇوٽي نهين، اهي سماڌ وگيان."

سماڌ ڪشرت ٽن قسمن جي ٻڌائي اٿن. پنگت، ٻوڪ ۽ گيان سماڌ. هنن ٽن جو اڀياس سماڌ وگيان جو دائرو آهي، ۽ طالب لاءِ ضروري علم ۽ اُن موجب عمل ڪرڻ جي اَلي آوشڪتا.

پنگت سماڌ پهريون سبق آهي، اندرين کي وس ۾ رک. سلوڪ آهي.

"سب اندرين ڪر روڪ ڪي، ڪريه چرڻ ڌيان.
ٻڌ رهي، سرت هر رهي، سو سماڌ مسعان"

سائين ٽيئونداس گياني ڪوئي ٽڪاڻو ڪونه کولي ويٺا هئا. نڪو ڪو ڪنهن ٽڪاڻي ٽري وڃي ڪٿا ڪندا هئا. هو پنهنجو پاڻ ۾ ٿي پورا. سو ڪو حوديءَ وڃان نه ٿا پر هن سلوڪ جي معنا پڙو ڪري پيروي ڪرڻ ۽ جو پڻ پاڻ ڄاڻايو اٿن :-

”اِشت ملي تو چيلا ڪيجئي، مَن ملي تو ميلا، ڪهي ڪبير سنو ڀائي ساڌو، سڀ سي ڀلا اَڪيلا.“

هن گيان ڀڳتيءَ پريم سلو مذهب اپنايو هو، ڪنهن جي، غش جي پڙدي پٺيان ٻهي، سندن زندگيءَ جي ڪيمت ڪي رلاج ڏيڻ ڪارڻ. نه نه ڪو سبب نه هو، جو پنهنجي مرشد، سخي سائينءَ جي وفات جو سٽي ڪري، ٻياريءَ هوندي، پوئان پير ڪري، پڙدي ۾ رهڻ جو ورت رکن. سندن رهڻي هاڻ هن گيان ڌارا جو اَرٿ ٿي پئي.

خام خوريءَ نشو نٿو، آڪ چڙهيو خمار،
سڪ سَلو سچڻ ڦٿو، پره چڙهيو بخار،
لوچ لالڻ آهي مُٺو، مَن اَچي مٺار،
مجهه مون آ لاار، جنهن نظر نوازي آهيان.

گيان سماڌ سبق نه آهي . هيءَ انڀو آهي . سماڌ وگيان جي پرلوڪ شالا ۾ ڪيل تجربن مان حاصل ڪيل لاڀ . وگيان ڀاشا ۾ لاڀ کي گيان چئبو ۽ سماڌ کي فهم . سلوڪ آهي :-

” جب لگ اننو وچار ڪر ، کهي ايڪ اَر دوءِ ،
تب هم ورت پانڌ ڪرهي ، اها لگ ڌيان نهه هوءِ . “

ڀڳت سماڌ لڳائيندا . لوڪ سماڌ لڳائيندا . پر زبان اَچان ” ايڪ اَردو؟ “ جي ٻولي ليکي ٻولي نه چئبو نه پرلوڪ شالا ۾ تو وڌيڪ وقت وڃايو . وقت سڄايو ڪٿهن ڪيو تنهن ٻاري ۾ هن ئي سلوڪ ۾ چوائو :-

” مڻ تون ٿهه پوُل ڪر ، رهڻي جو سهج سڀاءُ ،
آپا ڌيهه اتاڪر - گيان سماڌ لڳاءِ “ .

ٻاڙيءَ واري سيد عبدالڪريم جو ڪلام آهي :-

” رهڻيءَ رهيو نه سڀ ڪان ، ڪهڻيءَ ڪيو ڪوه . “

۽ جنهن جي رهڻيءَ سڀڪان رهيو تنهن جي زبان اندري ڇا ٻوليندي آهي ؟ ٻاڙيءَ وارو درويش ٿو چوي :-

” تون جئه الله هيڪڙو ، ٻولي ٻي م سڪ . “

روحاني مُنُ دُرست درويشُ زندگيءَ جو سفر ، هيءَ سُر ٻوليندي ۽ هن گر منتر جو پرچار ڪري سگهندو ڪندو آهي .

آهن. پنهنجي طرفان هڪ اکر ٻه نه جوڙيو اٿن. جيڪي سُکڻ ٿي ويا هئا سکيا پڙهڻ خاطر. صادق صدق وچان ڪَن لائي ٻڌو ويٺي - ٻر حضرت ڀٽائي شاهه جي رسالي سان شامل حالي ٻين ٻي پنهنجا ويچار مختصر ۾، پنهنجو پاڻ کي سمجهائڻ جي من مراد، درج ڪيا اٿن. انهن ٻنهي پاسي نه ٻين مالا پاٺشالا جو درسي ڪتاب آهي، ۽ رسالو، ٻراوگ، پستڪ ۽ وشيه آهي "زندگي، هڪ سفر."

جُهيوار اُپاس جي ترتيب هن رت سهوليت پري لڳي ٿي.

الف - طالب - طلب - مطلوُب.
ب - نفي اثبات جو دستوُر
پ - ذات صفات جو نِبيڙوُ
ت - نهڪرمي جو روشن نوُر
ٽ - علم عمل جو وچوُر.

ساڌ وَچن

ديدار ڪرڻ درويش درازن
سجدو آ ڪرڻ، روحاني رازن-

رازو- رازا- رازن - عمارت اُڏيندڙ رازو . سرير ۾ سوڪيم سرير . سا به نه اُڏاوت آهي . سا جي اوساري ڪڻن سي روحاني رازا. رهبر . جي راز سڃاڻن سي عارف . درگاهه درازن سائين سچل سرمست جي نالي پٺيان مشهوُر آهي . انهيءَ پڙ جي فقيرن جي قطار سائين ٽيرٿداس جن آهن .

ڪٿن لڳي! ڇپائين ڪل ڪاني پيٺي، پر ڪوچ جو سرشتو جاري ٿي ويو . ڇا جي ڪوچ؟ سوال آهي؛ "مان ڪير آهيان؟" جواب لاءِ لمبا ليور آهي . سائين ٽيرٿداس پستڪ پڙهي جواب حاصل ڪيو هو ته "مون ۾ رهيو نه هوُن." يعني "سوهين تون." ڇپائين، 'ن'. ذرا اڳتي وڌ، ۽ سُرشٽ ته "مون ۽ تون ناته فرق ڪر." پر اهو پستڪي گيان ٿيو . ڪتابي ڪلمو . شري جيئه ڪرشڻ پڄن مالا جي اڳيان پنهان خالي پترن تي سائين جن ڪامل پرشن جا ڪلام، شبد ۽ بيمه لکيا

انسان پاڻ پنهنجي اُسو. عشق ڪمائڻ ۾ گهورن جي ياداشت ۾ شمار آهي. ٻياڪ ڇڪ آهي. سا مجازي آهي. سا روحاني به آهي. روحاني حوالي ۾ جو انسان عشق الاهي نٿو ڪمائي سو عاقل صحت انسان مجيو وڃي ٿو. پر سهل سائين، جو ڪنهن لحاظ رکي ڪرڻ، ڪهن درويش، اهڙي روحاني ڏهوالي پڙهه واري جي حوالي ۾ هڪ لعنتي گفتو ڪم آندو آهي :-

"جنهن کي عشق مولي جو ناهي،
سو جهنگ جانور آهي."

يعني، انسان جي قوت بخش طرز، آلهڪ اُذار سدار لاء، آهي عشق ڪمائڻ الله سان. جي نه، ته انسان جانور آهي. پر جانور يعني جنهن ۾ جان آهي، ساه آهي. ساه ذاري ته سڀ آهيون. باقي فرق ڪهڙو؟ ڪنهن جو اُن ته عشق الله کان سهڻي سوز يل مثل جهنگلي جانور آهي. يعني ساڌارڻ جانور کان هن جو درجو گهٽ آهي. مطلب ته انسان جي پراڊري ۾ عشق رهت شخص هڪ نڪمو ذات آهي.

بابا فريد، شيخ صاحب، عشق کي ٻره جو اسم سڏيو آهي. ۽ ڪهن اسمَ جسماني جامو پهرائي، ياقوت يعني آرداس ڪن ٿا ته "ٻرها! تون سلطان!" جو هن ذات جي شاه سلطان جي درگاه سجدو نٿو ڪري، جنهن کي ٻاه ٻره جو سيڪ نه آيو آهي، سو لن مسان آهي.

الف

طالب - طلب - مطلوب

"فريدا! جس تَن برہ نہ اُپجي،
سو تن جاڻ مسان."

روحاني پرلوڪ شالا ۾ انسان طالب جو درجو اختيار ڪري، تجربا ڪرڻ شروع ڪرائڻو. سائين ليرنداس جن جي پهرين تجربي جي وشيه آهي "طالب - طلب - مطلوب." ٽڪنڊو آهي. بندو طالب. خدا مطلوب. کوج ڪندڙ؛ جنهن جي کوج ڪئي وڃي، ۽ انهن خود کوج ڇا آهي؟ ڇاڻين طلب. مسئلو سلجهائيندي هڪ ٽڪنڊي جوڙي آڻ.

طالب - طلب - مطلوب
عاشق - عشق - معشوق
ذاڪر - ذڪر - مذڪور.

طالب معنيٰ عاشق. ۽ مطلوب معنيٰ معشوق. اهو جوڙ تہ سمجھ ۾ اچيٿو. پر طلب معنيٰ عشق! هيءَ اکرن جي اڻ ميلائي آهي. طلب معنيٰ گهرج. پر گهڙي مدجھ حساب، طلب معنيٰ عشق! آواز آيو. انسان جون انيڪ گهرجون آهن. گهرجن جي پورتيءَ لاءِ

"سارو ئي سرُّ آهي." معنيٰ ڳجهه آهي. اسرار آهي! ڪهڙو؟ ته:-

"عاشق عشق معشوق اهو ئي -
ڏانءُ ڏاڍو ڪيو ڏاهي."

هيءَ عاشق عشق معشوق هڪ ٿي وڃڻ جي حالت تڏهن پيدا ٿئي ٿي جڏهن "غير مذڪور ٿي وڃي." يعني نڪتي نڪري وڃڻ بعد، عين جي صورت وٺي، عاشق عشق ۽ معشوق شهدن جي هجي ڪرڻ ۾ امدادي اکر ٿي پوي ٿو.

غير کي هاڻي پنهنجي حد بندي ڏئي، طالب سڀ صورت پاڻ وچ سمائي، روحاني راهه زندگيءَ جو سفر طئه ڪندي، جنهن واٽ منزل ۾ داخل ٿئي ٿو، تنهنجو احساس سچل سرمست کي نصيب ٿيو ٿو ڏسجي. درويش جو ڪلام آهي:-

"آئيني انهيءَ ۾ حالت، نه تصديع نه راحت.
نڪو هيءَ نڪو هوءَ، نڪا صفت نه صنعت.
نڪو ذڪر نڪو فڪر، نڪو ڪشف ڪرامت.
نڪو غم نڪو دم، نڪو درد نه محبت.
نڪو ڏسڻ نڪو ٻڌڻ، نڪو عيش نه عشرت.
نڪو جيءُ، نڪو روح، نڪا جان جمعيت.
نڪو سڪ نڪو ڏک، نڪو هوش نه حسرت.
نه عبرت نه غيرت، آهي حيراني حيرت.
سچو سچ، آهي نه ڪُجهه، آهي ڪُوڙي راحت."

سچل کان ٻه قدم سرس اڳتي ڳوهه کڻي ويا. جهنگلي جانور وري ٻه جيئي نه پيو. پر بابا فريد جي نظرن ۾ الاهي عشق وهيڻو آدميءَ مثل بي پري پسر جي آهي.

انهن ڪلپنا ڪجي ته سائين ليونداس جن هيءَ ترقي لڪيل ٽنئي جهلپو ڏيان ۾ وينا آهن. ٽي درجا پڙهي، هاڻ ٽنئي درجي - ذاڪر، ذڪر، مذڪور - جو وينا اڀياس ڪن. اڀياس ڪندي ڪندي هڪ وچار اچين ٿو جو هن اکرن جانيو آئن:

"ذاڪر ايستائين ذڪر ڪري، جيستائين غين مذڪور ٿي وڃي." انهن برابر آهي ته عشق جي درگاهه ۾ بيان ڪرڻ جي گنجائش گهٽ ٿيندي آهي. تڏهن به، "غين مذڪور ٿي وڃي" ته ذڪر ڪرڻ بند ڪجي، اهو ڪهڙو حساب ٿيندو آهي؟

غين اکر سان غير لکبو آهي. اها ٻن جي برابي آهي. درويشي دل وارا چوندا آهن ته جائي صورت غين جي سائي صورت عين. فرق صرف نقطي جو آهي. اهو نقطو ميساربو ته غين غير واري بدلجي اصلوڪي صورت عين عشق واري وٺي بيهندي. جان اِي عشق جي لهر لڳي، ته غيرُ غائب. هاڻ جڏهن غير ڪو رهيو ئي ڪونه، ته ذڪر ڪنهن جو ڪري؟ ۽ ڪيئن سان ڪري؟ سچل سائين جي ڪافي ٿي ياد اچي،

نفي - هائو. پر اِهو آهي ٻيجل کي نپائڻ. (دائي) (وشنو) هاري.

اثبات - هائو. پٽ يا ڌيءَ ڏيڻ. ناپيد کي پيدا ڪرڻ. مرد (برهما). ٻج ڇٽيندڙ. (هاري)

نفي - هائو. پر هاري، ٻج ڇٽيندڙ پڻ نپائيندڙ ڪونه چوندا آهن ته اَسان اُپايو آهي. چاڪاڻ ته اِها قدرت رکيل آهي، جو هاريءَ جي سنڀال سِڪ هوندي ته ٻج جي ناستي ٿي وڃي. سَڀني جو ناس ٿيڻ.....
هائو. نيست هست ٿو ڪري، هست کي نيست ٿو ڪري.

هن آخرين سٽ جي اَڳيان ڪنهن ٻه ڌر جو نالو لکيل ڪونهي. شايد سائين ليرتداس مجلس جي پرڌان جو پد گرهڻ ڪري ۽ فيصلو پرپوگ پستڪ ۾ درج ڪيو آهي جو اِثباتين جي فائدي ۾ آهي.

سنسار جي اُتپتي ۽ نيستي، کيتي ٻاريءَ جو مثال وٺي سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. وزندار لفظ آهن: 'برهما يعني مرد' جي اَثباتي ڪم ۾ آڻين ٿا ۽ 'وشنو- هاري' جي نفي ڌر ڪم ۾ آڻي ٿي. اُتپتيءَ جي حوالي ۾ اِثباتي برهما جو درجو قبول ڪرايو. نفي اِهو شرف هاريءَ جي صورت ۾ وشنوءَ

ب

نَفي اِثبات جو دستُور

"آڏو جو اِثبات ڪيو سو شِرڪُ لاهي شڪ
هُئي جنهن ۾ حق، تنهن نفيءَ جهڙو ناهه ڪو."
شاهه-

آلمڪ ڪوچ پرڀوگ شالا ۾ تجربي لاءِ سائين ليرڏاس جهڙڪو ٻيو وشيه ڪنيو آهي سو آهي:-

"ماڻهو ناهيندو ڀڳوان ڪي ڪنهن ڏٺو آهي؟"

واد وواد جو وشيه آهي. آستڪ ناستڪ ڀاونائن جو ذڪر آهي. ٻن ڌرين جي ضرورت آهي. مضمون جي ڀاونا جي مدنظر سائينءَ هڪ ڌر نفي ۽ ٻي اِثبات جي نالي سان پيش ڪئي آهي. ڀاونا 'آهه' ۽ 'ناهه' جي آهي. شروعات اِثبات ڌر ڪرڻي جنهنجو وشواس آهي ته ڪا هستي آهي جا مان نه آهيان، ۽ اُها هستي ڀڳوان جي مبارڪ نالي سان پوڄي وڃڻي. نفي اِن يقين کان اِنڪاري آهي. تنهن اِثباتي چوستو:-

اِثباتي - هائو غيب مان آدمي آڻي ڏيکار.

نفي - هائو. پر اُهو پيدا ڪي پيدا ڪيائين.

اِثبات - هان پُرُ ماتا جي گرڀ ۾ ناهيندو ڏسي خبر
ڏيڻ اُٺل ڪهڙي جيءَ ٻت ڏيءَ پڙائڻ.

ٿئي ها. پر اُنهن کون نه ٿئي. اِها به نفيءَ جي حالت آهي. 'اَلائي ڇا آهي!' تعجب جي حالت آهي. جا نه آهي خودي ۽ نه بيخودي.

پر جڏهن نفيءَ جي حالت جو اَهڙاس اِثبات جي حوالي ڪجي، ته معنيٰ بلڪل نرالي اَٿس. "مان نه آهيان، هوُ آهي" سائين ٽيڪنداس جن انهيءَ دستور جا عاشق آهن. انهيءَ اَرٿ شاعري نوع هيءُ گفتو چاتائون اَٿن.

"يار! نفيءَ سان ٿيءُ اِثبالي.
هردم رکي دستوُر اِهو."

انڪار ڪر. ڇا ڪان؟ "نه مان به آهيان." يعني پاڻ ٻاجهي وڃ. پوءِ؟ پوءِ هُن کي ياد ڪر. سچ ته هوُ آهي. اَئين نفيءَ سان ٿي اِثبالي. نفيءَ جي ڌُن لڳاءِ، ته اِثبات جي اَحساس مان جو لطف حاصل ٿيندو سو ماڻين.

پر اَڳيان اَڃان ٻڌون ٿا:-

"هيءُ هيءُ سرڪون سوُز اِهو؛ سوُز اِهو."

يعني اَلٽي رمز جو. اَسين سڀ جي سيٽ ۾ دم هڻون ٿا. خوديءَ ۾ خراب ٿيون ٿا. ته پوءِ سياڻڪ خدا کان جدا ٿي ٿا وڃون. جا ٿي پاونا شاه جي بيت جي آهي ته اَسين اِثبات جي آڏو اَچون ٿا ۽ ٽيون ڪارڻ شيطان جو شڪار ٿي ٿا وڃون.

پر شاه صاحب جي بيت جي ٻي مصرع ڪيتري گهري راز ڀري آهي. نفي ۽ اِثبات هڪ ٻئي جي پٺيان اَکر چاتايا اَٿن. هڪ ٻئي جي حالت جي سڃاڻڻ

کي ڏيئو. مطلب اُنس ۽ ڏسون ٿا ته چئيل آهي، يعني بيجل، هاري نپائي هستيءَ ۾ آڻي ٿو. پر سار سنڀال هوندي به جڏهن سلي جي ناس اچي، يعني مهيش جي ڪرپا جي حالت پيدا ٿئي ٿي، تڏهن نفي پوري صفائي ٿيو ڏيئي سگهي. ضد جو آڙيل برهما جو همت ڏسڻ کان نٽجي ٿو. پر پنهنجيءَ هستيءَ جو دم به ٿيو هٽي سگهي. تڏهن پڪاري چوي ٿو، ”هاءِ ڙي! قدرت هاءِ!“ سائين ليرنداس نفيءَ جي اها پڪار هار جو اظهار ڪيو. تڏهن فيصلو ڏين ٿا ته هر نه ڪرڻا بندو نه، پر ٻي ڪا هستي آهي جا نيست کي هست ڪري ٿي يعني اوچتو ساه ڏاري اکين اڳيان اچيتو پرگهٽ ٿئي، ۽ وري اَلائي ڪهڙيءَ ڪَل جي هير ڦير ڪارڻ هست نيست ٿي وڃي ٿو، جَلي خاڪ ٿئي ٿو يا قبر داخل؛ پر هستي ڪاڏهن ٿي رهي؛ ۽ وقت پوري ٿي، دل جي پيٽيءَ لسان به ميمارجي وڃي ٿو. سائين ليرنداس آسٽڪ هئا.

نفي پٽيءَ معني وارو اکر آهي. اَصل سڀاءُ ۾ ناڪاري ڀاوڻا وارو آهي. خدا جي هستيءَ کان نٽجي، پنهنجي خوديءَ جي خمار رهڻ، نفيءَ جي حالت آهي. پاڻ کي ائين سمجهڻ؛ نه ته ڪو انهيءَ ميٽا ته ٻي ڪا هستي آهي، پر انهيءَ احساس ته جي مان سڀ ڪجهه ڄاڻان ها ته سڀ ڪجهه منهنجيءَ مرضيءَ موافق

ذات ۽ صفات جو ڀيڙو

"اسين سڪون جنکي سڀي اسين ساڻ،
هاڻ وچ گمان، صحيح سڃاڻو سڄڻين."
سيد عبدالڪريم

ذات ۽ صفات اڪر ٻاشا جي لحاظ، الڳ الڳ معنيٰ رکن ٿا. پر روحاني مدنظر سمانتا ڀاؤ سان ڀرپور آهن. دوئيت دسڪاولي آهي. اعلمت ۾ هيڪڙائي جي ڳڻ جي صفائي ڏيندي، سڌ ۽ ٻڙاڏي جيان، هڪ ٻئي جي جوڙ آهن ڏاتيءَ ۾ ئي ڇپائي رکڻ جي رمز آهي. سائين لهر تعداس جن هڪ سلوڪ جاچاليو آهي جنهن ۾ اها ڀاونا سمايل آهي.

"سڄڻا ۾ دوئيءَ ڀيد آوس،
ٻيا دوئيت سمتا نهن ڀاوين."

ڇا ڳيان گهڻي آهي! دوئيت درشني! اوڳڻ نه آهي. طالب معنيٰ لئي طلب رکندڙ. نه هڪ ٻيو طالب- 'مان'. ٻيو جنهن جي طلب هجي. سو ٻيو مطلوب. يعني "هُو". "مون" ۽ "تون" جو ڀيو. ٻڙ سڀلو. روحاني حوالي ۾ هن مضمون جو هوسڪ ڀيو ۽ اٿئي ؛ "حق جي ڳولا." ڳولا ڇا جي آهي؟ ڪنهن ائين جي؟

جا ساڻن آهن. سائين ٽولارام، عاجز، وٽن هڪ ٻيءَ جو ديوانو درويش ڪوي شاه جي دلي مراد جو چٽر هن شاعريءَ فن چٽين ٿا :

"نيٺهن سڌو نالو، جنهن رکيو تون نفيءَ سان
ذڪر ذاتي حق جو، اهو صحيح سچالو،
اَڪر اناالحق جو، ٻوني گل ٻالو،
جاڻ اهو جاڳو، ته اَصل عاجز ناهيان."

يعني جنهن نفيءَ حالت رهندي ٽوڪي حق جو احساس ٿئي سوئي نفيءَ جي صحيح حالت جو بيان آهي. نفي ۽ اثبات هڪ ٻئي جو ڏيو آهن. ٻي حالتم ٽون يڪ ذاري ليکيو ويندي. نفيءَ جي حالت ۽ حق کان ٻه اَڇاڻ اهو يڪتاريءَ جي ٽوڳي حالت جو بيان آهي. شاه صاحب جي بيت جي ٻئي مصرع ۽ عاجز جي بيت جون ٻهريون ٻه ساڳيو راز سليو ٿيون.

"اَصل عاجز ناهيان." ته پوءِ ڪير آهيان؟ چيائين عاجز يعني ٻيءَ ڪان لاچار، اهو ته منهنجو تخلص آهي. سو ته نقل يا پاڇو ٿيو. پر اَصل ۾ مان ٻار يڪانو آهيان، جو سچل نعرو هڻي ويو هو.

پاڻ بيگانو موُل نه جاڻين، آهين ٻار يگانو.
وهم سچل ڪيو پانهپ وارو، شعلو پڻ شهانو."

"شعلو پڻ شهانو"، ٿيهن لاءِ هڪ اَکر آهي اناالحق يعني مان خود خدا آهيان ۽ نه ڪ خدا کان جدا ڪو سڌس پانهو آهيان. اناالحق آهيان! عبدالحق نه.

”هن جي ذات هيءَ. هن جي هوءَ چوڻ غلط.“
”ڇاڪاڻ تہ ذات هڪ آهي جا باقي آهي -
وحدت.“

”صفت الڳ الڳ آهي جا فاني آهي - ڪثرت.“

هيءَ وحدت ڪثرت ڪُلَّ“ جو ڪلمو آهي، جنهن برابر شاهہ صاحب جو هيءُ بيت آهي.

”وحدت مان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل.
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي نہ ٻل.
هوُ هلاچو هُل، ٻا الله سندو سڃاڻين.“

گمان معنيٰ وهم. ان ذهن مضمون جو سلسلو اڳتي وڌائي سائين گياني چون ٿا:-

”فنا ڇڄي ٿو فنا وهم جي،
وهم ڇڄي ٿو اسين.“

جڏهن پنهنجو پاڻ کي ڪتا ڪري وٺا ٻڌائين؟ من کي سمجهائين تہ هي من! جيسين ”مان آهيان منهنجو مان وڃ مون ۾ آهي“، جو آواز تہ آهو آهي. ڇا مطلب؟ يعني جيسين اهو سُر تہ آلاپيو اٿيئي تہ ”منهنجو مان وڃ مون ۾ آهي“ تيسين تون فنا آهين. يعني وهم کي فنا ڪيئہ ڪو ا. اڻلمدو پاڻ کي فنا ڪري وڌہ. گمان جو ڳُسُ ڇڏ تہ ڳَسُ لڳين؛ ؟ جو آهي تہ تون ۾ پاڪ ذات باقيءَ ۾ شمار آهين. چون ٿا:-

نه. پر مُون ۽ تُون جي پيدا ٿيڻ جي ساڳين جُڳائن جي. مضمون جي مراد آهي ذات ۽ صفات، ۽ صفات ۽ ذات جي ڳالهه جو اُپٽو ڪرڻ. ۽ جيڪڏهن ائين نه ٿيو ۽ طالب ٻهراڙين ڏاڪي، شريعت، اڳتي ٿيندو ته پوءِ اهڙا دوئيت درشٽي، ڪُفر جي ڪلنڪ جهان، طالب کي بدنام ڪندي. سيد عبدالڪريم طالب جي اهڙي اَٽڪيلائيندڙ حالت کي گمان جي ٽالي سڏين ٿا. "آسين" ۽ "سڪون جنڪي" جي رچ وارو فاصلو گمان جي ٿور ٿڪ آهي. اهو ڳهتائيندڙ آهي. نه ته ممڪن آهي ته طالب تعصبي دوُئي جو آڪار اختيار ڪري. ۽ تعصب مرض آهي جو سوڙهي دل جي نشاني آهي. طالب عليل دل وارو سڏبو. ۽ عليل دل وارو قبوُل نه پوندو. هوُ دين کان به ويو ۽ دنيا کان به. روحاني محفل ۾ هوُ ڪوبه درجو حاصل نٿو ڪري سگهي. اُلٽي پير هلي، هن لاءِ فاصلو سوڙهو ڪيو ٿي ڪونه پر، اُنائون دل ونڌڪ سوڙهي ڪندو ويو ۽ جم اَڪيلائي ڪري ڇڏيو. ڪثرت جي سير مان ئي ٻاهر نڪري ويو. وحدت جو ٻڙو لاءِ ڪين ڪونه پيس.

سائين ليلارامداس ٻنهي اصالي رنگ، هيءُ مضمون هن سلسلي ۾ ٻڌاريو آهي.

"ذات کي فنا ناهي."

"فنا آهي صفات کي."

"لون" جي "مون" ۾، "مون" ڇيو،
"ڪڏهن ڪيم سَرِيُ،"
"لون" ٻـ اَلرَ ۾ آڪيو،
"مون" کي اِنيـن وري،
"نه پوءِ 'مون' ۾ 'لون' مَري،
سَ ٻئي سرچي ساهڙ لون ليون."

يعني هيءَ ساري اَلمتي ساهڙپ جي رشتي بدل آهي. ذات ۽ صفات ڪونسي اوُچ نيچ جو درجو نه آهي. نڪو وري ڪو برابريءَ جي درجي جو سوال آهي. ڪي به آهي، پر خاطري اَٿن ته هڪ ٻئي کان سواءِ سرندي ڪانه. خدا ۽ جدا جي وِڇاندڙ نُڪتي نِسوُري نادانيءَ جي جار ڦهلائي آهي. راڳا ڪما اَٿس راڳا! نڪتي کي اُلٽ پلٽ ڪرڻ جي جي صحيح ترتيب هٿ اَچي وڃي، ته جو جدا آهي سو خدا ٿي سگهي ٿو. يعني صفات جي فاني حالت کي بدلائي ذات جي باقي حالت جو اَحساس ڪري سگهي ٿو ۽ جنهن اِها حالت اَنيو ڪئي، نه پوءِ جٿي ساڳي سمت سڄان ڇوي، نه آهڙو جاڳرت صالي بدو، اَمر سکمت سهج سواري، ذات ۾ لدو لهن ٿي، وحدت واجت اَنهد شبد سڻي ٿو.

"ڪنارو ڪري، ڪناري لڳي اَچ،
پاسو ڪري، ڪنڌيءَ لڳي اَچ."

ڪهڙي ڪناري؟ ڪهڙيءَ ڪنڌيءَ؟ چيائين ھن پار، جو وصال جو پار آهي؛ جت سهڻي ساگر سير لڙي وڃي ميهار سان ملندي ھئي. سُر سسئيءَ ۾ شاه صاحب ھن حالت جو ورنن ھن شاعراني فن ڪيو آهي.

"لون ڪا ڪاني پساه وٺن ۾ وصال جي،
دوئي ٻيائي دُور ڪري، معرفت ملهاءِ."

سسئيءَ انهيءَ گمان ھريءَ دوئي ٻيائي دُور ڪرڻ جو شرط پورو ڪري، معرفت جي حالت جو اَحساس ڪيو ھو، ۽ انهيءَ موج مستي مان اُهي ھي سُر آلاپيو:—

"پنهنجي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،
نه ڪي ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سوُر ھئا."

سسئي صفات آهي. پنهون پاڪ ذات. گمان ڪڍي ٻاھر ڪيائين ته سسئيءَ سوُر سڀ لٿا، ۽ پنهوُنءَ پنهنجي پاڻي پاڻ ۾ پرچي وٺي پاڻ سان.

لڏھن، لوڙي سمت عاجز پڻ "مون - لون" جو جھيڙو سهڻيءَ رمز شاعراني فن ھيٺن سلجھايو آهي.

"لون" چوي ٿي "مون" ڪي،
"لون مون ٻن آهين چوي."

"نه ڪرڻ وارو، يعني جنهن کي ڪرڻو نه آهي،
سو پاڻ آهي."

"گيان وارو، يعني جو ڄاڻڻو جيڪي هو آهي،
سو ڄاڻي ٿو. سو به پاڻ آهي"

"ڀڳتيءَ وارو، يعني جو ڄاڻڻو ڪرڻ نه ڪرڻ
سمدس ڪري."

درجي به درجي پاڻ پڙهائيندي لڳن جهڙائين تان ته سڪل جيون جي ڪنجي آهي "وجود وڃائڻ."

"سو به پاڻ" فقرو وڏي معنيٰ رکي ٿو. هن فقري جي ضد ۾ فقرو آهي:

"سڀ ڪجهه مان آهيان" هيءُ مورلي دک جو باعث آهي. گرو ارجن ديو پنجين پاتشاهي، سکمني صاحب، اشٽپدي ۱۲ ۾ سلوڪ اچارڻ ڪهو آهي :-

"جب لگ جاني مجهه تي ڪڇ هوءِ
تب اس ڪئ سک ناهين ڪوءِ."

"سو به پاڻ"، "مجهه تي ڪڇ هوءِ" ٻئي ٻئي درشٽي ڪوڻ آهن. هن حوالي ۾ نهڪرمي ۽ ڪرمي ڪٿن جو اڀياس لاڀدائڪ ليکيو. ڇا؟ نهڪرميءَ جو مطلب اهو آهي ڇا ته انسان اڪرمي ٿي هٿ تي هٿ ڌري ويٺو رهي؟ نه. ٻئي سلوڪن، ناٿين ۽ پنجين پاتشاهيءَ جو سار ۽ سانئين گيانيءَ جو ٻڌوت "وجود

ت

نِهڪرميءَ جو روشن نُور

"چِنتا تانڪي ڪيجئي جو اَڻهوني هوءِ،
اِهو مارڳ سنسار ڪو، نانڪ ٿِر نهين ڪوءِ."
(گُرو تيغ بهادر)

شهيد نائين پاتشاهي گُرو تيغ بهادر جن جو سلوڪ آهي. اِنسان لاءِ آجهوَن منتر آهي. سائين گيانيءَ هن سندر ريت سمجهاڻي ڏني آهي.

"جيڪي ٿئي ها، سو ٿيو آهي."
"جيڪي ٿيو آهي، سو ٿئي ها."
"جيڪي نه ڪرڻ سان ٿئي ها، سو ٿيو آهي."
"جيڪي ڪرڻ سان ٿيو آهي، سو ٿئي ها."
"ڪرڻ سان به ساڳيو."
"نه ڪرڻ سان به ساڳيو."

واهه ڙي! گياني بابا! واهه. بيشڪ پنهنجو مٿ پاڻ آهين. گيانيءَ جي گيتا آهي. هرلوڪ پستڪ ۾ بطور نتيجي، وڏڪ هيءَ لکن ٿا.

"ڪرڻ نه ڪرڻ (نِهڪرمي) جو خيال مِٽجي."
"ڪرڻ وارو (ڪارڻ). يعني جنهن ڪيو آهي سو پاڻ آهي."

آهي. عهد ڪرڻ ڄاڻ جو ڄوڪو آهي. تنهن تي
ٻاڻ دل سان هدايت:-

اکين جنهن توڻ پوڻ حيلا ٺلاٽي،
اجاڻ نه ڏڪي دوستي، جا ڪچي پالهه آهي.
وڃي نه ٿي ڪڏهن ڪنهن جي محبت اجائي.
چڙهڻ تقدير تي پرڻ آهي تند بيو سجائي.

سو جيڪڏهن لوڪي چڱي ٿو ته ' بيو چارو ٻه ته
نه آهي،' ته ڪو ٻيو سيءَ جو ٻاٿ ڪرڻ ٿو ٻاڙهجي؛
پر حقيقت تسليم ڪرڻ جي من مراد؛ جا سياڻپ آهي؛
؛ سک جو سودو.

وڃايو“ ڏيان هن رهڻيءَ تا چڪائين تہ ڪرم ڪر، ؟ ربّ جي رضا تي راضي رهہ. اَشٽپدي ۹ ۾ گروُ اَرجن ديو جن فرمائين ٿا :-

”ڪرم ڪرت هووي نِهہ ڪرم
تس بسٽنو ڪا نرمل ڌرم.“

يعني نهڪرمي نرمل ڌرمي آهي. نرمل جو ضد گرم. يعني ڪرم جي ارادي گرم مطلب، پڪر آهي. ڪرم ڪرڻ ڪان عار ڪري وهڻ وارو نہ آهي. ليڪن نتيجي جي باري ۾ نرم رخ وارو آهي. يعني نشچنت ۽ سانتيڪو، ٺڌي سيني ورلڻ وارو روشن نوُر مش آهي.

اهو چارو ۽ لا نہ آهي. ڪرڻ سو ڏسڻ آهي. مان ڏسان وٺو تہ مان ڇا وٺو ڪريان. نتيجو مستقبل جو حوالو آهي. سو تہ اڳتي هلي ڏسڻو آهي. ڇا ڏسجو؟ انهيءَجو مدار انهيءَجي ارد گرد واريُ مقبول تي آهي جو صرف انهيءَجي هٿ جو کيل نہ آهي. اَنيڪ ساه ذاري آهن. سڀني کي من مرادوُن آهن. دنيا ۾ ٽڪر ڪاٺو آهي، ٽڪرُ! هر موڙ جو تون مالڪ ناهين. انهيڪري تون پنهنجي طرف جي صفائي پوُرڻ رت ڏي. آڏي رام جاڻي. تہ قدر ۽ تدبير پنهي جي پلهہ هل. هونئن ڪي انهوني ڪرڻ، يا اَنهونيءَ ڪي هوني، سو دم تون نہ هڻ. ڪانئي لڪڙو هلي دم جو مرض نہ پرائي وهين. پنهنجي ڳڇيءَ ڳنت نہ وجهہ. اها وات دک درد جي

"علم کان اڳ، ٻُڌم رسالو عمل جو.
منهنجو اُنهيءَ 'پوڙ' پيالو عمل جو."

"علم کان اڳ ٻُڌم رسالو عمل جو." ڇا مطلب! يعني علم ۽ عمل جي اهميت ۾، عمل جو پلڙو وڌيڪ ڀاري سمجهڻ گهرجي. عقل ۽ اڪابر جي آهن، ته جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو اڀياس ڪر ۽ سبق پراءِ. فرق ڏسي ڇا سوچيندو آهين؟ هيءَ ته ڪو پونگي ٻگهه پکي آهي! انهن ٿي ته چوندو آهين. پوءِ چوڻ پنهنجي پيري پاڻ سنڀالين، ۽ اهڙي منهن موڙي کان بچي نڪرين. سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي هدايت آهي:-

"جتي جتي ورق ورائين، تتي تتي ڏٺو ڏوهه،
رهڻيءَ رهيو نه سڀرين، ڪهڻيءَ ڪبو ڪوهه."

يعني زور رهڻيءَ تي آهي. ڪهڻيءَ تي نه. ڇاڪاڻ ته، جتي پوءِ درويش فرمايو آهي:

سمورو علم هو ٻڙيءَ جي برابر
ڏٺم جڏهن جاچي جمالو عمل جو"

ڇا مطلب؟ "جمالو عمل جو!" جي هان. تو چيو. مون سوچيو ته تون پڙهيل آهين. مان ساڌارڻ آدمي آهيان. منهنجو لاچار آهي. اُمي آهي. پر آدرش جيوڻي اُٿس. سندس رهڻي مارڪ روشن آهي. ليو چيو. پر تو نه هندايو. تون بدنام آهين. حرفتباز آهين، حرفتباز! پاسو ڪري هلوس. تنهنجو علم ٻڙيءَ جي

ٺ

علم عمل جو وچُور

"علم ڪسان اڳ، پڙهه رسالو عمل جو"
(ٻوڌ)

سائين ٽيڪنداس جا نت ٿي نوان. علم ڄاڻڻ جو قول آهي "پڙهڻ، ڪڙهڻ ۽ ترڻ." پر سائينءَ جو گفتو نرالو آهي. اکر اونرائي ٿي آهن. پر وري نرالي آهي. "چوڻ - سمجهڻ - ٿيڻ." علم ۽ عمل جي ٻاٽ پڙهڻ لاءِ، هن ٻئي اکري جدول جو مطلب آهي ته ڳالهائڻ کان اڳ ۾ سوچ. شهد ٻاڻ اهي. ڪمان مان ڇٽل تير جيان آهي جو وري واپس نه ايندو آهي. زبان مان نڪتل حرف به واپس نه ايندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو چوندا آهن ته "اهائي زبان اُس ۾ وهاري ۽ اهائي زبان ڇانوَ ۾ وهاري" حاصل مطلب ته چئي ڇپي چڻ، ۽ جهڪي ڪي چئين سو دل سان هنداءِ، جئن تنهنجي زندگي تنهنجي ويچار ڌارا جو سهڻو سندر نقش بڻجي ٻين لاءِ آدرش مثال ٿئي. سائين ٻوڌراج جن جي ڪولا آهي، "رسالو عمل جو." نصيحت آميز ڪولا آهي. شروعاتي ٻر وچن آهن:

قطب شاهي، سائين ر و چلداس، ڊاڪٽر، جن نڍي وڏي جو فرق سيالي هيءَ هڪ سنڌر نصيحت ڀريل بيت چيو آهي:-

”وڏو آهين تہ پيار ڪر.
ننڍو آهين تہ نياز ڪر.“

نياز ۽ پيار هڪ ٻئي جا ڀائين ڀيلي اُڪر آهن. علم ۽ عمل جي حوالي ۾ اَدب جا ٽاڻي شريڪ شبد آهن. انگلستان جي مهان ڪوي، لارڊ ٽينيسن، ٺاڪ انهيءَ وصف لاءِ زور ڏنو آهي، تہ علم کان سرس انسان ۾ نمرتا ۽ اَدب جو گڻ هئڻ گهرجي.

اَڪر سادا آهن. پر سُجان آهن. جيڪڏهن علم ۾ اَڪابر آهين، پر نهڪرهان آهين تہ تو ڀهڙو علم مٽيءَ سان ملائي ڇڏيو. تنهن کان تہ اُمي هجين ها تہ صد بار بهتر. ڪوڙو ڏوهہ اِنہ ڏئي ٿي ها. مورک معيار ناهہ ڪاهہ

ٻراٻر نه ها، پر تون ٻاپ جو پٽلو سمجھيو وڃين ٿو. اڳلو ڀل ٿو ڪان نه ڪجي، توکي منهن تي ڪجھ نه چوي. پر دل ئي دل ۾ توکي بددعا ڏيندو. جي هان. خوشامدڙن جي ۽ ملڪ ۾ ڪوهت ڪانهي. جڏهن اهي توکي وڪوڙي وهن، ۽ منڍا منڍا سر آلاپين ٿا، ڏهن هيءَ ڦچن ياد ڪج:-

"لوڪ پتيڻين ڪجھ نه هووي، ناهين رام ٻاٻٽا."

تون چاڙ هوندي الٽي رمز هلينتو. آخرت ۾ فعل، ۽ نه ڪ قول ڪم ۾ ايندو.

سائين گيانيءَ جي گفتي جو پوٺون اکر "ٿرٽ" آهي. عام گفتي جو اکر آهي "ٿرڙ". انهن ٻن اکرن فرق آهي. "ٿيرٽ" برابر "ڪڙهڻ" جي آهي، تون عقلمند ۽ علمند ٻئي آهين. جيڪي پڙهيو آهين سو دل سان هنڊايو ۽ اُٿيءِ. جنهن لاءِ تنهنجو عام سان وهنوار شاهد آهي. پر جيڪڏهن تون نمرتا ٻُڌ رڪ ٻمش نٿو اچين ته ٻوءِ چئبو ته تون "ٿرڪو" ناهين. اڀماني آهين. ته ٻوءِ چئبو ته تنهنجي عمل جو ٻالو منو نه آهي. ڪڙو اهي. تي سکھيتو، ته گياني درويش "ٿيرٽ" اکر کي وسيع معنيٰ ڏني هئي ۽ منجھس ڪڙهڻ ۽ "ٿرٽ" ٻنهي جي ڀاونا ڀري هئي. ٿرٽ جو مهتو سائين گياني نظرانداز نٿو ڪري سگھي. ۽ سچ ٻه ته اهوئي آهي. جمالو عمل جو نشان ته اهو شخص آهي جو ٿر ڀل معني سيتل سڀاءُ جو آهي، ۽ نيدي خواه وڏي سان هٿ جوڙ جو رستو هليتو.

چون ٿا ته جڏهن ستگر پرچي يعني راضي ٿئي. پر اهو مدار طالب تي آهي. پُورڻ شيوا ڪري ستگر جي سنگ مان لاڀ پرائي سگهجي ٿو. گروُ نانڪ ديو جن جو به فرمان آهي ته گروُ ڪرڻ به ضروري آهي.

” ڪهه نانڪ نهچه ڌياوي
وڻ ستگر واٽ نه پاوي.

هن ڏس ۾ قرآن شريف جي آيت وڌيڪ وزندار آهي :-

” من لا شيخ له فشيخه الشيطان.“

جنهن من جو اڳو شيخ يعني سچو سالڪ نه آهي، اُنهي واڳ شيطان جي هٿ ۾ آهي. شاه صاحب جن سُر ديسيءَ ۾ اها آيت هن رمز ڪم ۾ آندي آهي :-

” ڌوڌ دل تان دوُر ڪري ڪر ساجن صفائي.
من لا شيخ له فشيخه الشيطان، اِن ۾ اونداهي“

۽ اهڙي ڪارڻ هو جو وڏڪار ۾ مجهيل ستيءَ کي سڳوري شاه عنايت ڪٿي ته ٻوڙان پير ڪري وڃي تن اڳون سر جهڪاءِ جن اڳ اهو پند ڪيو هُجي. يعني وڃي ڪو ڪامل مرشد ڪر.

حاصل مطلب ته گروُءَ بنا گت ناهي. پر سائين ٽيرٿداس جن انهن ضد نٿا ڪن. سارو برهمانڊ خيال تي بڌل آهي. خيال ڌارائون ٻه؛ باطني ۽ ظاهري. سائين ڪياني جن عروج ۽ نزول - اندر ۽ ٻاهر - الله

سنگر موما

”سنگر جهڙو شاهه، ڪو نه ڏٺو مين ڪاٿهين،
پرچي ڏنو جنهن پوري، آءٌ ڏن اَٺاهه،
نڪي پڇائين جات پات، نڪي پڇائين راهه،
ڪري من اُڇاهه، سامي ڇڏيائين ڇن ۾“

ساميءَ سنت سُڄان جو اُپديش آهي ته جي چاهين ته من ۾ سائين سڳوري لاءِ چاهه پيدا ٿئي ته پوءِ، پيارا! من اُچاهه حالت ۾ رک. من جو چاهه آهي خوديءَ جي خوراڪ. ۽ جتي خودي آهي اُت خدا نه رهندو. سرير مياڻ مشابهت آهي. مياڻ ۾ هڪ ڪاتي ماپي سگهندي. ٻن جي جاءِ نه آهي. فيصلو ٽولي ڇڏيل آهي. ڇاڪاڻ، جو سرير سنهنجو آهي. خودي ۽ خدا ٻه ٽوڪ آهن. اهڙي طرح آءٌ ڏن ۽ مايا موهه به ٻه ٽوڪ آهن. سيد عبدالڪريم درويش جو پڻ چوڻ آهي :-

”پيهوران ٻه ٽوڪ ڪنهن نه نيا پار سين
هڪ سڪڻ سپرين کي، ٻيو لاڳاپو سين لوڪ“

پر جنهن ديڳ هلي، لوڪ لاڳاپا لاهي، سڪ سڄڻ جي وڌائي سگهجي، سو ديڳ لڳائي ڪير؟ سامي جن

خيال جو خيال ئي ضابطو پهچائي اِڇا موجب ڪرڻ. گروءَ ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ جي لاءِ چونڊا ته "اڀياس ڪرڻ جي سمي اڀياسيءَ کي ڪٿان هلڻ گهر جي وغيره لاءِ گروءَ جي رهبريءَ جي ضرورت آهي ڪيترن قدر سا خود ڄڻيائو محسوس ڪري سگهندو."

گروءَ ۽ شش جي سمبنڌ بابت سائين ٽيرٿداس خلاصو ڪجهه ڪون چيو آهي. پر هي ٽي اکر سڌن لکيل آهن، قول - عقيدو - عمل. هيءَ ٽئي اکري هن حوالي ۾ ٽي معنيٰ رکندي. سڌن مراد اهائي ذسڻ ۾ اچي ته جيڪڏهن گرو ڪرڻو آهي ته گروءَ ۾ عقيدو يعني سمپورڻ وشواس هئڻ ضروري آهي. وشواس هيڻ آدمي مُرادي پائڻ جي لياقت نٿو رکي. گروءَ جا قول يعني وچن هڏي من سان هنڊائڻا آهن، ۽ پنهنجي رهڻيءَ ۾ ڪرا آڻڻا آهن. گروءَ جي نقش قدمن ۾ هلڻو آهي. جي گروءَ پڻاگت لاهي، ته وشواس پڻا ۾ اُپت نه آهي. وشواس جي پاونا ڇا ٿيندي آهي، ۽ اُپت جي مراد ڇا آهي تنهن حوالي ۾ ويدوادي سنت سامي جو اُپديش آهي:-

"نسڪو جنهن ٿو سنگرو اڳيون سڪ ٽي،
سهڄي تنهن شيوڪ جو سنسو دک لٿو."

وشواس جي حوالي ۾ 'سڪ' شبد معنيٰ رکندو. سڪ معنيٰ شيوڪ. سڪ معنيٰ پراءِ. عقل سڪ. يعني عمل ڪر. شيوڪ ۽ سڪ پراپر جا اکر تنهن مڃيا

۽ ھو ھو شبدَ اِستعمال ڪيا آھن. واھن شڪتي ھڪ آھي جا آھي اِنسان جي ٻُڌي ۽، يعني آندر جي سوجهي، اَنڀو ڪرڻ. سائين گيانيءَ جو پربوڌ آھي تہ جي اِنسان چاھي تہ سندس جيوَن سدا مُند بھار ھجي تہ اُن کي واھن شڪتيءَ جو وڪاس اَھڙيءَ طرز ڪرڻ گھرجي جنّ نزول عروج جي اِشاري ھلي، تان جو اُن جي زندگي صرف روحاني راز جوتي اِظھار ڪري. لوڪ لھوارو وھندو آھي. لھواري وھڪ وھڻ، سولو آھي. پر طالب کي اوڀارو وھڻ گھرجي. يعني لوڪ وڃي ڏکڻ تہ طالب ڪاھي اُتر لاھي ۽ چاڙھيءَ جو حساب آھي جو شاھہ صاحب نديءَ پر پساريءَ جي وھڪ جو حوالو ڏئي ۽ سمجهايو آھي تہ خيال ۽ خيال لي ضابطو جا گيندو آھي. جڏھن ساري خيال جي ڪيڏ آھي تہ انھن چوڻ ھڪ سمجهاڻيءَ مثل ڏيندو تہ:-

خيال کي ڪر پار! خيال سان قتلام،
طالب تان ستي، جيوَن سُر ست نام،

'جيوَن سر'، سائين گياني جن جو رچيل شبد آھي، ۽ شايد آنھد شبد جي بدلي ۾ ڪم آندو اٿن. ھوُرن اَپياس کان سواءِ، پنھن سُرن کان ڪنارو ڪري، صرف جيوَن سر سروَن ڪرڻ ناممڪن آھي. اَھڙي اَڀياس کي سائين گياني "ڦيرڻ، قائم رکڻ ۽ رد ڪرڻ ڪرتون لي ضابطو" حاصل ڪرڻ جي شڪتي چون ٿا. يعني

ڇا نه نام، پرولي، آهي! آسانڪ آهين! ڪفر پوائين ٿو! حرڪت ناهي. الٽيءَ ڪ سُلٽيءَ راه سڃاڻڻ نه آهين. مڃي ڪٽي نٿو. پر اندر ۾ هاڃل نه آهي. وقت اهڙو جڏهن اها سڃاڻڻ ورتي لوڪي حقيقي جوت جو احساس ڪرائيندي. يعني روحاني راه تي ڪفر به طريقت ۾ شمار آهي. ملا جي پانگ شريعت ياد ڏياري ٿي. اها جي انڪي رهيا سي موٽيا مڙئي. اهي ٽڙڪي وڃي سگهندا. پر جڏهن اول ۾ ڪفرڪاني پالي ۽ پوءِ دوبياڻي دور ڪئي، سو برابر از خود پڪي ارادي، راضي، خوشي، انهيءَ دولت اپنو، سڪ ٿيو آهي. هيءُ نه ٽڙڪندو. هن مڃيو آهي. هڪڙي مڃاڻو نه ويو آهي: لعهن ڳالهه وڏو فرق آهي. هڪڙو سڌو دور ٿي ويو آهي، ۽ پنهنجيءَ مڃتا مٿي ماڳ آيو آهي. پنهنجو پاڻ مان پيدا ڪيل يقين جو هيءُ پوڄاري آهي. اشرڌا مان شرڌالو بڻيو آهي. انڌشرڌالو نه آهي. هيٺرو شيوڪ پنهنجي واڳ واحد جي سپرد ڪري ٻيا پنو پولي سنسار ۾ ورتي ٿو. هڪڙي هاڻي سچو برهم ودياري يا اسلام ڪلمي گوهه تسليم ڪري سگهجيٿو.

سائين ليرتداس جن پاڻ جڏهن توجهه مرشدي حاصل ڪئي سا ڪتا ڪنهن نرالي روحاني حساب ڪتاب جو پرماڻ پترو آهي. عجيب ڪهاڻي آهي. مرشد ڪرڻ جي من مراد گهران سهي سيهري ڪونه نڪتا هئا.

ويندا جڏهن شيوڪ ۾ سکڻ جي ڀاونا هوندي. سکڻ جي مراد جيڪڏهن گروءَ در وڃبو نه مڃتا جي ڀاونا اُٿپن ٿيندي ۽ گروءَ جي ٻڌل قول تي عمل ڪرڻ جو چاهه ٿيندو. ٻه نتيجي، اُپت ٿيندي، سمسي، ڀرم ڀڃُت، جو دک جو ڪارڻ آهي، تنهن کان ڇوٽڪارو پائڻ. تڏهن شيوڪ محبوب آگيان ڀروان يعني قبول پوندو. گرو رامداس، چوٿين پاتشاهي، پڻ هڪ سندر سلوڪ ۾ هن باري ۾ چيو آهي.

"آپ گواءِ شيوا ڪري، تا ڪڇ پائي مانُ.
هرِ مت لڳو آگلي، او وجهه ڀئه دوٽا پاءِ.
حصي ڪري برابري، ڦر غيرت اندر پاءِ.
وَجهه گواني آگلا، مهي مهه پاٿا ڪاءِ."

يعني هليو آهين گرو ڪرڻ، ۽ مت سڀئي آپڻي گروءَ جي پرک لهڻ، ته پوءِ تنهنجا ۽ ٻيڙا پار ٿيا! يعني نه ٿيندا. اُنندو آگلي روحاني منزل چوندي ٻه ڪوهي وهندڙ ٻر جي وسواس رکندڙ ته ٻڌيءَ جا ڀيڙا ٿيندا.

هڪ ٻيو ٻه درشتي ڪرڻ آهي جو آهي، ڪفر يعني اوشواس، جي اهميت. سچل سائين سرمست جو فرمودو ڇا ته هڪ انقلابي اعلان آهي ته:-

"اَوّل ڪفر، پوءِ مڃڻ، پوءِ مذهب اِسلام.
مُلا سمجهين ڪين ڪي، اَون محبوبن جي نام."

آدمي بينظير

”آئي ڀري اُٺ ڪنڌ ٿاوان ڪنڌ سرلو“
گروُ گرنٿ صاحب

اُٺ ڀير ڏن رات سمپوُرڻ. هڪ هڪ ڀير هڪ هڪ ڪنڌ. نه پهلا ناٿين ڪنڌ سرلو لاءِ ڪهڙو ڀير رهيو! ڇيائين اهو ڪنڌ وقت جي پابنديءَ کان مٿي آهي. اٿين سمجهه نه اُلهيءَ ڪنڌ ۾ سڀ ڪنڌ سمايل آهن. صاحب جن جي واڻي آهي:-

”ڪائيا اندر سڀ ڪجهه، نوَ ڪنڌ منڊل پاتالا.
اِس ڪائيا اندر نؤ ڪنڌ پرڪمي، هاٽ پٽڻ باجارا“

سرلو جي اپما آهي. آدمي بينظير آهي. خاڪ پتلو پاڪ شڪتيءَ جو پُتلار آهي. روحاني نَلَ، آتمڪ وڪاس جي ڪلپنا ڪندي، سچل سرمست هيءَ ڪلام چيو آهي.

”جڏهن وڃي هر ڪو، لاحد وڃي پر
سچوُ سو فقير، جو حد لاحد لنگهي وڃي.“

ليڪن ”آدمي سي فقير هوندي هين.“ نه تهيءَ اُمر جوڙي ڪتا آدميءَ جي آهي.

موقعو پاتي، دوستن جي سنگ ۾ سچل سائينءَ جي درگاهه دراز لي ويا هئا. اتي سچل صاحب پنهنجي نازنظري ۾ پورا هئا. پر سائين سڀنيءَ پرکي ورتو؟ نظر نهال ڪري ڇڏيائون. سوامي وويڪانند جي به اهڙي پاتي ڪٿا آهي. هو ڪو، سوامي رام ڪرشن پرم هنس کي گروُ ڪرڻ لاءِ ونءَ ڪونه ويا هئا. پهرين جيڪو سو من ۾ شڪ ڌاري ويا هئا. پر مهر جو هڪ متن ڦوٽو، ۽ ڇا مان ڇالي پيو.

هيءَ پورب ٻيج جي ڪٿا آهي. سائين ٽيڪلداس اَٽين سائين جا هئا، جو سدن پوڄ پتا کين نٿي لڳو ڪراچيءَ پرسان ٻائي لڇمڻداس جي دربار ۾ ولئي ويا هئا. ٻيج وَاسي ٻار پوري ڪان ٿي پڏرو. سا وصف ٻائي صاحب جي اَنيءَ اَک جهانپي ورتي. اڏهن گهر ڪيائون نه ٻالڪ دربار صاحب کي سونپي ڏنو. ٻائي منگهن مل انڪار ڪيو. انڪار جو سوال ڪونهي. وقت ٿيار نه هو. وقت بادشاهه آهي. رمز پنهنجي هلندو آهي. جڏهن گهڙي آئي ته ڪنهن نه جهليا ڪنهن نه پليا، مريدي ٻائي گهر ورتا. هڪ مثال ٿي پيا هن يقين جو ته:-

ٻيج نه پورب ديس جا، تا جڏهن پَڇا ڪن،
هڪ نه هلي ٿي سڄڻ! ڇڪيو تا پرين پنهنجو ڪن،
همت ٻدي اَدب جا، لڳي آهيان لن سون،
شل نه سي وسرن، نظر جنهن نوازي آهيان.

ٿيندو صحو پوءِ فنا - سڪر ۽ آخر ۾ دلال. چار درجا، چار منزلون ۽ شريعت - طريقت - حقيقت ۽ معرفت. اُنهيءَ شريعت جي پالنا طالب کي هن طريقي جي بوجهه پهچائي ٿي ويهي ته جي ٿون اڳتي وڌڻ جو چاهه رکندو ته پوءِ پاڻ کي وسنو فنا سمجهه. اهڙي اُنڌي حاصل ڪيل طالب سڪر يعني چپ جي حالت ۾ ٿي رهڻ پسند ڪندو، جنهن ڪيس حق جي حاصلات ٿئي. طالب حيرت جي حالت ۾ آهي فنا آهيان. پر آخر پڇڻ جو پر ته اڃان پورو احساس ڪونه ٿيو اٿم. هو هاڻ جهڙوڪ اڳرائيءَ دربار جي دروازي تي بيٺو آهي. هڪ پير ٻاهر ۽ هڪ پير چانئٺ جي اندر. احساس ڪندي، ٿورو ٿي قدم اڳتي وڌيو ته ڪيس روشنيءَ جو احساس ٿيندو. جا حالت دلال يعني روشنيءَ جي آهي. جنهن کي معرفت چئبو آهي. هن حالت ۾ طالب جڏهن ڪري پوڪ، ليڏانهن صاحب ڏسي ٿو سامهون.

هيءَ اها حالت آهي جنهن ۾ طالب، سرقتا طلب کان فارغ ٿي، اناالحق جي نعري هڻڻ کان مجبور ٿي پوندو آهي. اهڙي حالت ۾ رهندي، جيڪڏهن ڪو طالبو انسان ڪانئس سوال ڪري ويهي ته سائين سڀاجها مهر ڪري شريعت طريقت ۽ معرفت وشيء تي ڪا روشني وجهندا، ته هو درويش موج مستيءَ اندر اکيون اڌ ٻيڪوڙاون ۽ چپ پکوڙائل جواب ڏيندو ”ڪفر!“ نه، ته کي اهي منزلون ڪفر آهن. پر هن

هن اعليٰ درجي جي زيارت لاءِ جن حالتن مان طالب کي لنگهڻو پوندو آهي تن جو ذڪر سائين ٽيوڻداس جن ڪيو آهي. حالتون ٽن نوعين ۾ ورهايون اَٿن. ١- صحو ۽ سُڪر (سڪر) - ٢- فنا، سڪر، دلال.
صحو ۽ سڪر حالت لاءِ سائين جن سادا اَکر هوش ۽ بيهوش ڪم ۾ آندا آهن. باقي فنا ۽ دلال حالت لاءِ ڪجهه به ڪونه لکيو اَٿن.

صحو ۽ سڪر حالت جي مراد آهي ته طالب شروعاتي قدم هوش ۾ رهي ٿو. اِئين سمجهجي ته هو شريعت جي نيمن جي پابندي کان واقف آهي ۽ انموجب پيروي ڪري ٿو. پوءِ جڏهن انهيءَ اَبياس ڪندي روحاني ڇڪ لڳيس ٿي ته هو هوش وڃائي ٿو وهي. معنيٰ ته هو مات ۾ اَچي ٿو وڃي. جيئن شاهه صاحب جن چوانتا لَهن ٿي لُعاب لڳي ٿو وڃيس. يعني ڪونئر ڇڪيل پٽي ڇپن ڇڙهي ٿي وڃيس. سڪر لفظ جي حرفي معنيٰ ته اِهائي آهي. سُ + ڪر(ڪر) = سُن + ڪردن(ڪردن) معنيٰ ڪرڻ. يعني چپ ڪرڻ. پر انهيءَ حالتم سدائين نٿو رهي سگهي ابدُ و اَبياس نه اَٿس. لهڪري وري صحو يعني هوش جي حالت ۾ اَچي ٿو وڃي. اِهو درجو ٿيو صحو- سڪر- صحو جو.

اَبياس ڪندي ڪندي، طالب اُن درجي پهچي ٿو جت صحو جي حالت بي معنيٰ ٿي پوي. هو شريعت جي درجي کان پار نڪري ويو آهي. هن جو اَبياس هاڻ هن قطار شمار آهيءَ فنا- سڪر- دلال. يعني هڪ ٿيءَ، جي اَبياس جو سلسلو پهارجي ته پهريون درجو

وصل فنا جي حالت ۾ اچي وڃي. طلب ڇا ٿيندي آهي، ۽ طالب جي مقابلي مطلوب جي هستي ڪيڏي نه اوچ ٿيندي آهي، سا حالت محسوس ڪرڻ لڳي. پاڻ پڄي وڃڻ طريقو آهي حقيقت جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ. هيءَ انتظار جي حالت آهي جا شُڪر جي حالت جي برابر آهي. پيار ڀري دل ٻين کان گوشو ڪري، چپ ۾ رهندي آهي مجازي ڪهاڻيءَ جي سلسلي وصل کي راڻو ڍيو پر وڃائي وڃي جو انتظار جي گهڙيءَ جو ڀير نڀائي نه سگهي ۽ وصل کي راڻي جو لباس پهرائي سيج سمهي پيئي. راڻو آيو. اُٿي وسم ڏسي رسي ويو. انتظار ۾ جو لطف ٿيندو آهي سو نه ويو موڪلائي. هاڻ وصل جدائيءَ جي ضرب زير اچي وڃي. هاڻ ڪوچ ۾ نڪتي، حق وري همت ڪرڻ لاءِ.

حق جي ڳولا ڏوران، طالب جون ڪرم اندريون، ڏسڻ، ٻولڻ، ٻڌڻ ڦري گيان اندريون ٿي پونديون آهن. يعني ڏسڻ، ٻولڻ، ٻڌڻ سڀ اندر ئي اندر پاڻ سان ٿيندو آهي. تڏهن طالب جي دل ڪجهه غيبي شبد سروڻ ڪرڻ محسوس ڪندي آهي. وصل انهيءَ حالت ۾ آهي ۽ چوندي :-

”نئون نياپو آيو، راڻي مُلّان رات.“

نياپو ڇا ٿيندو آهي! روشنيءَ جو احساس ٿيندو آهي. سُهڻي صورت ڪائي نظر ڪانه اچي. ليڪن

حالت ۾ جا دلال جي حالت آهي تنهن وقت انهيءَ سوال
جواب ڏيڻ ڪفر جي ٻولي ٻولڻ آهي.

سائين ٽيئونداس جن پنهنجي سپاءَ وس ٽي ڪري
خالي پئي ٿي لکيو آهي؛ ڪفر شريعت - ڪفر طريقت
ڪفر حقيقت - ڪفر معرفت. ونڊيڪ احوال ڪونهي.
سندن اپياس جو اهوئي ڍنگ هوندو هو. در حقيقت
ٿيندو به ائين آهي ته جنهن چوهت گهري اڳل هوندي
آهي اُت ٻولڻ لهام گهٽ ٿيندو آهي. عمل ڪرڻ
جي مشغولي زياده، ۽ بيان ڪرڻ جي فرصت گهٽ
هوندي آهي.

شاه عبداللطيف جو سر مومل - راڻو هن اپياس جو
ڪوئلا پاٺ آهي. شريعت جي درجي جو احساس مومل
جي مجازي طبع مان محسوس ٿئي ٿو. هن کي مجاز آهي.
واه جو بيت آهي جنهن ۾ شاه صاحب مومل جي مجاز جو
چٽو چٽيو آهي!

"مومل ماري مير، آهيڙن کي آڪري.
سوڍيءَ گهڻا سَڪائيا، پڙهيا، پڙهت پير،
هڻي لنگهي ٽير، مٽيو جن مٺن ۾."

پر وقت آيو جڏهن مومل ميندرو ڏسي پنهنجو پاڻ
ڀُلجي وئي. شاه صاحب جن چونٿا:-

"ڪجهر گهڻا گهائيا، پاڻا لڳس گهاءَ
ميندري ملاءِ، لڳس ڪانَ ڪهار ۾."

ديدار

ديدار هوءِ جي دوست جن،
هُونِد بهشت گهوريان مٿان تن.

مان ڪين هلندس.

پر فقير سائين! هيءَ قدرت جو نيم آهي.

هوندو. پنهنجي سر ٻلا.

سرڪار ناسونت آهي. چولو ڇڏڻو ئي آهي.

هوندو. پر هن سرڪار ۾ اسان رب سڳوري جو ديدار ڪيو آهي، سو ڪيئن ڇڏيون! مونکي ڪفر جو پاند نه پڪڙهاءِ.

فقير سائين! قدرت جي آڏو اچڻ ڪفر آهي.

پر جي ڪفر ڪندي رب ملي ته ڪفر به ذڪر آهي.

فقير سائين! اڄ هن مان توهانکي رب جو واسطو وجهي عرض ڪريان ٿو ته توهان رب جو سڏ اونايو ۽ هلو.

ته هل سڄڻ! رب پاڪ جي اسم تان صد قربان. بندو حاضر آهي.

رات جو وقت هو. سائين ٽيڪمداس مهراج ڇپيلي ڪسي ساڻ ڪري هواخوريءَ لاءِ نڪتا هئا. هلندي

چانديءَ چمڪ چانيل پَٽَ تي پٽ نظر ايندا آهن. سا حالت وُصل جي هئي. چوائي :-

" ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟ چوڏس چِٽائو.
راڻو ۽ راڻو، رءِ راڻي ٻيو ناه ڪو. "

طالب هاڻ عارف آهي. هيءَ دلال جي حالت آهي. فنا ۽ بقا جي حالت حاصل ڪري ٿ. دنيا فاني آهي. سرمد چڱو آهي. پر عارف جيسين ساه سرمد ۾ آئس، انهيءَ فنا ۾ بقا اَمر جوت جو جمال ماڻي ٿو؛ هڪ ٿي لنڊيار سُر آلاپي ٿو:-

" ڪانهي ٻي لنوار، ليو مڙئي ميڏ رو. "

آخر ۾، جڏهن پراڻ پکيئڙو پرواز ڪري ويندو، تڏهن جوت ۾ جوت سمائجي ويندي؛ فاني سرمد اَمر ڪهاڻيءَ جو راز کولي ٿو:-

ڪهب برهمب ايڪو جانو،
سَرب ڪلا ڀهي سرمر مانو.

مسلماني عقيدو آهي تہ ميت کان، ملڪ الموت جا
ٻہ فرشتا، مُنڪر ۽ نڪير، قبر دوز ڏسڻ بعد، هيءَ
ٽي سوال پڇندا آهن.

١- تنهنجو الله ڪير آهي؟

٢- تنهنجو نبي ڪهڙو آهي؟

٣- تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟

سوالن جي جوابن تي منحصر آهي، تہ ٻراڻي بهشت جو حقدار آهي، يا دوزخ در سزاياب ڪيو وڃي. پر جن اکين اِلاهي عشق کائي ٻالل آهي، سي نظر ڦيري ويندا ون آهن. عاشق ڪهڙي ڪاڻ جو هنن سوالن جواب ڏيڻ لاءِ منتظر رهي. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي ڪهاڻين جي ذريعي شاه صاحب هن عقيدہ جو اظهار ڪن ٿا، ۽ ٿنهن مقابلي عاشق جي حالت ٻڌائين ٿا تہ ڪئن عاشق جو من ڪنهن اُتي مستيءَ ۾ ڦل آهي جو هُو بهشت جي بہ پرواہ نہ ڪري. پيغمبر صلعم کان طالبن پڇيو هو تہ "بهشت کان مٿي بہ ڪي آهي؟" تہ جواب ۾ فرمايائون، "خدا جو ديدار." شاه صاحب پنهنجي شاعراڻي فن هيءَ فرق، بهشت ۽ ديدار جو سمجهايو آهي.

" پيءُ مُ طهورا، وانءُ اوراڻگهي اوريان،
وڇان جي وصال کي، سي سڀ اڄورا،
حاصل حضورا، سمي جي سڀ ٿئي."

سر بلاول.

هلندي اُتي اَچي نڪتا جنهن کي ٻُڌڻ پاڻي ميرُ کيو ٻيڻا هئا. هڪ سائين لوڪ هو جو زمين مٿي لمو ليٽو سُتو پيو هو ۽ دم ڏيڻ لڳو هو. اِهو نظارو ڏسي سائين ٽيئرداس مهراج کي پڇائو ته فقير سائين! ملڪ الموت جي وچ ۾ گفتگو هلي رهي هئي.

فقيرن جا ٻول آهن. فقير ڄاڻن. پر هيءَ هڪ نرالي روحاني ڳالهه آهي. سرير جي مهمان ته هر درويش ڳائيندو آهي. "من مندر. تن مست قلندر، گهٽ ٽي ليرت ناوان." هيءَ واڻي گرو گرنٿ صاحب ۾ لئي چڙهيل آهي. سر سهڻيءَ ۾ شاهه صاحب سهڻيءَ جي صورت موت جي فرشتن کي چون ٿا ته منهنجو منهن ميهار يار ڏانهن آهي، ٺهڪري لوهان جي ڳالهين ۾ مونکي دلچسپي ڪا آهي. ساڳي ڳالهه سسئي ٿي ڪري. موت جا فرشتا ڏسي اُنهن کان پڇي ٿي ته لوهان ڀهون ڏٺو؛ مونکي ٿهن سڄڻ کو ڏس ڏيو. مطلب موت وقت به طالبن کي مطلوب ياد آهي.

پر ٿهن ڪارڻ موت کان نڀجي ڀڄڻ ته هن ناسونس سرير ۾ ٻه اَمر آلما پالي آهي ٺهڪري مان چولو نه ڇڏيندس، سا رمز وڏي ڀيڄ وارن جي آهي. ڪو اڙالو راز آيا ٻولين! ۽ جو آهي ته درويشن جي وس آهي ته ڀهنجيءَ اچا سرير ڇڏايئين. موت سندن وس ۾ آهي. پاڻ موت جي وس نه آهن.

پردا نشين

بابا! واپس موٽي آيا.

ها پٽ. درويش دور نه آهن ئي ڪونه. اِني ئي ملاقات ٿي وئي.

پر بابا! وٺا ٻه ڪڏهن ورنا.

پٽ، اهو حقيقي عشق جي ڪلابازي آهي.

ڇا مطلب بابا. مون سمجهيو ئي ڪونه.

پٽ گاڏي چڙهي وئي. نراس نظر ڪٽي ڪوچوان ڏانهن نهاريم ته صورت ۾ سائين سخي ڄالم. منهن تي مرڪ هئي. جڏهن انهن ٿي چيائون ته مان هردم لوسان آهيان. ڇاڪاڻ تو هلاڪي ڪري درگاهه دراز وڃين؟

بابا! اسرار آهي!

ها پٽ. پر تن لاءِ جي انهيءَ پد نه پهتا آهن.

سپتري چندرا، سهاڳڻ پياڳڻ، پسڻ ساولڙي، سرڳواسڻ، بيمار هئي. چندرا ڏينهن رات سندس ڪمري ۾ سار سنڀال لاءِ ستي هئي. ڇا ڏسي ته سائين سخي ساولڙيءَ کي ڪاهي پائي ڪنيو پيا وڃن. ٻن ڏينهن اندر ساولڙي چل بسي. سائين سخيءَ سنڀالي ورتي.

چندرا ڌيءَ نهن، ٻار ته نيون. پتر سنتان اڄان

طهُورا، بهشت جو شراب، تہ بطور انعام ڏنو. يعني شُڪرم جو سُقل. سو مشاهدو تہ نہ ڏٺو. سا سؤدي بازي آهي. سوداگر سڪي جي لئہ آهي. جي هِمت نہ، تہ هُمت. هوڏانهن ”طمع ڇڏ امار“ فقيرن جو شان نشان آهي. انهنڪري جيڪڏهن ڪوئي حضُور جي وصال حاصل ڪرڻ جو چاهہ آهي تہ طهُورا جي بہ طمع ڇڏ.

سائين ليرئداس جي فقيرَ جنهن دم ڏنو پيئي ڪن دوست جو ديدار ڪيو پيئي. ملڪ الموت سندن پائي پڏو پيو هو. هيءَ پهچ جا اعلىٰ درجا آهن، جي سائين لوڪ ئي سمجهن. پين هاج ناه ڪا. جي پهتا، سي وري نہ وريا. جي وريا، تہ اَلائي ڪهڙي مهُورت ڪهڙي صورت پائي جنم ورتو. تہ پوءِ ڪفر ذڪر جي شاهدي پري ڪير؟ پڌو ايمان، يقين ڪري ڪونہ. خدا آهي جو خير ڪري؛ باقي تہ ”پيٽي ناه مون پتار.“

روح بہ آهيان. مان پردو آهيان. مان پردا اٿيئن بہ
آهيان. جيترو آهيان ها سرگواس ٿي ويو آهيان. مان
ڪٿي جو ڪٿي؛ ڪڏهن ۽ ڪنهن وقت ته پهچي سگهان ٿو.

نند ۾ سمهيو پيو آهيان. فوٽ بال راند پيو ڪريان.
بال کي ٺُڏو ٿي هڻان. اُڪ ڪلي پيئي. ڇا سبب؟
ڏسان ته پير واڙ ۾ اَڙڪيو پيو آهي. انهن سبب
ٺڪ پوري ڏئجي ڪانه، جو بال کي ٺڏيان. پر ڇِڪ
برابر آئي ۽ جاڳي پيس. مطلب ته منهنجو سڄو باقاعدي
بن مشغولين ۾ وچتر ٿي پيئي ٿي جيو. ڪٿ ٿي سمهيو
ته پيو آهي. ساه ته ڪٽي پيو. جو لڪيو هوندو انهن
ته ڏنو. پر راند ته پيو ڪري. جو نظارو پيو کو ڪونه
پيو ڏسي. پر پاڻ پنهنجي روپ ڪمل ڪيليو پيئي.

پاڻ سان سمهيو پيو آهيان. پاڻ نند مان اُٿي ڪڙو
ٿيو. ڏونڌاڙي مون کي پڻ اُٿاريائين. جي تو مونکي
چماٽ هڻي ڪڍي. ڇا سبب؟ گهر جا ٻيا پالي ته
اُٿي ويٺي رهيا. شرمائجي چپ ته نند ۾ ٿول ذري
ڪاڻ ٿوسان جهيڙو ضرور ڪم ويندي ۽ پانهه مٿي
ڪري چماٽ به هڻين مانهه. پر مون کي ڪهڙو سماءَ
ته برابر هي؛ سُتل پانهه ڪڍي ويٺي ۽ سچ پچ چماٽ
لڳي ويئي.

ته ڇا سمهڻ ته ساڻ جيئڻ آهي؟ جي هائو. پيو ڪو
به جواب ٿي نٿو سگهي. جيئڻ پيا، ته هي سنسار

ڪونه ٿيو هو. ماءُ جي دل اداس. هڪ اَسر جڏهن ننڊ
مان سجاڳ ٿي ۽ هنڌ کٽولو صاف ٿي ڪيائين، ته
وهاڻي هيٺان چار ڪارڪون ڏٺائين. ڇا مطلب! لاڳيتا
چار پٽ ڄاوس.

هڪ برهمچاري اچي مهمان ٿيو. اُسهڻ لي سائين
کين اسٽيشن لي اُٺاڻ لاءِ ويا. مهمان کي تعجب هن
ڳالهه ته ميزبان ڪانئس ڪو خاص پرچو ڪونه پڇيو هو.
برهمچاريءَ کي پنهنجو شوق بيٺو هو. شو ڀڳوان جو
روپ ڌارڻ ڪري پنهنجو پرچو، روحاني راز، ٻاڻ
ڏنو، ته ڏهن سائين ليرنداس جن مالا پارٿيءَ جو
روپ اختيار ڪيو. ڪرامت جي برخلاف هوندا هئا.
پر وقت کي سلام ڪري برهمچاريءَ جي هٿ پڄڻ
جي من مراد، اهو علم ڏيکاريائون.

ٻيبي بصريءَ جي ڳالهه ڪندا آهن. اَڍائي قلندرن
جي قطار ۾ اَڌ قلندر شمار ٿئي. وٽس هڪ درويش
مهمان ٿي آيو. تنهنکي پنهنجيءَ شڪتيءَ تي ناز هو.
رت ڏٺائين ته پاٽيءَ ۾ ٻڪي ڪري هلي کيان گوشت
ڪرڻ. تڏهن ٻيبي صاحباً، جڏهن ڳالهه جو اصل مطلب
پرکي ورتو هو، چيائونس ته هوا ۾ هلي ٻهڻ سنو ٿيندو،
جو اُت لوڪ نظر کان پري هوندا آهن. درويش شرم
۾ ٻڏي ويو ۽ پيرن تي ڪري پيس.

سرير آهي. روح ٻه آهي. مان سرير آهيان. مان

ٻار نہ ڄمندا هئا. پر ٽڪاءُ ڪونہ ڪائيندا هئا. ڏهن مايوس دل ماءُ هڪ رات سمهي پيئي هئي، تہ سندس سرڳواسي پُوڄ پتا ساڪيہ-اٿ روپ ڌاري اچي آسيس جو هٿ گهمائيندس تہ پتر سندن ٿيندو جنهن جو نالو نارائڻ هوندو. ٻندو لکي ويندو ڇنيءَ جو نالو ئي نارائڻ اَٿم.

ٽپائيءَ لئي روح گهرائبا آهن. اها تہ عام آشڪار ڳالهہ آهي. ڪا خاص ٽپائي ڪانہ گهرجي، تڪا اگربتي، تڪو اشنان، تڪو ڪو جاپ ڄاپ. هٿ رکيا ۽ روح آيا. ڪڏهن ڪڏهن تہ اها ٽپائي پاڻ کان پاڻهين نچڻ لڳندي هئي. اهو آزمودو آهي. ٻيو پيسل ڪٽي وهڙو هو تہ هٿ آزخود هلي ڪري آيل روح جو نالو لکندو هو سندس گهر ٻہ ڪا هوندي هئي تہ اها بہ لکجي ويندي هئي. روئي گهربائين. ڦاڪو ٻچائي رکٽو پيو. واس ڦٽي وڃو هليو. ڪک هيٺيان لکُ پيو آهي. سو قول سياڻن جو آهي.

ٻي اَنت لهجي مايا! مان ۽ تون تہ رواجي انسان آهيون. پر جي ڪامل شخص آهن، سي تہ جيتري سماڌي لڳائي ڪٽي جو ڪٽي ٻہچي سگهندا. سرلو هِتي، روح هُتي. سرلو مان سرلو! هيت ساڪار. ڪيت سو ڪيم. ڪڏهن ٻنهي هيت ساڪار. جهڙو موقعو، تهڙي ڪلا. ٻڌي شڪتي آهي.

دوست! منهنجو هڪ عرض آهي. لفين رکي تہ

ظاهر ظهور، ۽ هوءَ سڀني سمسار. لڪل، پردي پٺيان. دٻهه چڏ ڀسين، نه هوءَ ظاهر ۽ هيءَ لڪل. پر اچي وڃي سڃاڻندا. ڏسڻ ۾ اچونتا پئي نه، سلامت نرالي. پر حقيقت آهي ته روح آهن. روح روپ ڌارڻ ڪن ٿا. روح سوکيم روپ اوستا ۾ به رهن ٿا. هڪ نيٽرن سان ڏسندا آهيون. ٻئي جو ڇهاءُ محسوس ڪندا آهيون.

پرڀات ويلي، گروءَ جي ڪوٺيءَ جي ڪُڙڪي کولڻ ته هيٺ ڏاڪي ۾ دروازي جي چانئٺ تي براجمان سفيد پوش درويش جو درشن ٿيو. مائٽن سان ڳالهه ڪيم ته ڇيائون ته ڏاڪي ۾ ٻارهينءَ جي پير جو واسو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن کي درشن ڏيندو آهي. آنءَ ويئل شهر سيوهڻ جو. مشهور ڳالهه آهي ته سيوهڻ ۽ روهڙي سوا سوا لک پيرن فقيرن جون نگريون آهن. سي ڪي سڀ ڏسڻ ۾ ايندا آهن ڪين؟ جڳن کان اهي درويش سوکيم سرير استٿيءَ ۾ رهندا اچن ٿا. ڪڏهن ساڪيات ڪڏهن آلوپ پنهنجي وجود جي ڏيکار ڏيندا آهن.

منهنجي ماءُ ڳالهه ڪندي هئي ته سندس ننڍڙي ماسيءَ کي روز رات جو سمهڻ وقت ڪو اچي زور ڏيندو هو. ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو هو. پر ٺپرن جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو پوءِ پنهنجيءَ ماءُ ماسي چوندي هئس ”ته بس ناراض فقير هاڻي وڃ.“ آواز بند ۽ ماسي ننڊ ۾ آرام سان سمهي پوندي هئي.

صوفي فقير

"اُڪو ٻيو فهم جنهن سان ٻسين ٻرولڻ کي."

شاه

سائين ٽيرٿداس جن صوفي هئا ڇا؟ سوال آهي ته صوفي ڪير؟ جو ڪو ٻ حق جي ڳولا ۾ آهي سو طالب ٿو سڏجي. لباس جي لحاظ طالب ڪن ڪپائي ڪمبل پائي پاڻ ڪاپڙي سڏائي؛ ڀلا گيڙو رنگا ڪپڙا پائي جوڳي سڏائي؛ يا صوف ڪپڙي مان ٺهيل ويس پائي ته صوفي سڏائي، سا ڀيکه کي ٺيڪ آهي. اُهڙن ويس ڌارين لاءِ گرو نانڪ صاحب جن جو گفتو آهي:-

"مَن اَنڌا نانءُ سُڄان."

تڏهن شاهه صاحب جن من سڄاڻ جي وصف ٻڌائيندي بيت چيو آهي:-

"صوفيءَ ڌوئي صاف ڪيو ورق وجُود جو."
"لهان ٻوه ٿيو، جيئري پسڻ ٻرولڻ جو."

تڏهن ته جي سائينءَ جا پيارا آهن سي صوفي آهن. جن انسان کي پيار ڪيو آهي؛ انهيءَ ٻاوَ ٻيا رهن ٿا، سي سائين جا پيارا لال آهن. انهي رنگ جي رنگا سي صوفي سڏيا. انهن جي جيوَن ڌارا اَجوَل اَمرت ڌارا

توکي ڪو ڏسي ويٺو. تون اُنکي نٿو ڏسين معنيٰ ته
آهي ته هُو ڪونهي هُو جيڪو توکي ڏسي ويٺو، سو
تنهنجي پٺيءَ لڪي ويٺو. توکي مدد به ڪري ٿو. توکي
سزا به ڏئي ٿو. تنهنجي ڪري ڇا؟ پوءِ ٻيا پاو ناهي.
پوءَ جي مراد پرم سان نه پرمن جي سوجهيءَ سان آهي.
من صاف رکو. وهنوار ۾ سچو رهه. تنهنجو وار به ونگو
نه ٿيندو. ٿڌ هن، جڏهن تون لوڪ ڇڏي پرلوڪ ويندين،
ته اِهي روح توکي گلن جي ورکا ڪندا. تنهنجي
ڇهري ۾ چمڪ هوندي.

۽ اُهڙا ڀانئي ڪيا ساميءَ جن ۾ ڪٿي آهي. سندن سلوڪ آهي:

"جڏهن ڀليو ڀاڻ، ملي ساڌ سنگت سان.
سو ساميءَ رکي ڪين ڪي، وڃر پاءِ ڪڏهن ساڻ
سڀ جو گهري ڪلياڻ، پرلتم جاڻي پنهنجو."

آيت شاهه جي ۽ سلوڪ ساميءَ جو بلڪل صوفيءَ جي بيان ۾، برابر بيٺا آهن. "مڇهائي منجهه وڙهي،" سو ڀيو جو ڀاڻ ڀلي. "ڏٺي ڏهين جو واهرو،" سو ٿيو "سڀ جو گهري ڪلياڻ."

سائين ٽيرٿداس جن جو پنڌ ڪمري ۾ وڻهي ڌيان سماڌ ۾ رهندا هئا، سو منجهائي منجهه وڙهڻ جي فهم حاصل ڪرڻ جي من مراد. پڙهندا هئا ۽ اڀياس ڪندا هئا ۽ اُنهن ڳڻن جي حاصلات لاءِ جتن ڪندا هئا، جنهن ڪارڻ هوُ وهنوار ۾ سڀني کي پنهنجو پرلتم جاڻن. من جي ڪشلتا ۽ نرونرتا جي ڀاوَنا سندن اڀياس جا خاص وشيه هئا. ڇاڪاڻ ته صوفي لاڪوفي جي اُهڃاڻ عمل ۾ آهي، حرفن ۾ نه. ۽ عمل ۾ سڌ ڀاونا سان هڪ نظر سڀ سان ورتڻ صوفي لاڪوفي هئڻ جو ثبوت آهي. سڌ ڀاونا نيت راس ڪرڻ آهي. ۽ نيت راس ڪرڻ وارو مهان پرش ڪرم ڪندو رهندو آهي، هن منتر جاپ ڪندي، ته، "اُپني لوڙ نياءِ، اُنڪي او جائي." هنڙي ڀاوَن منتر اُچارڻ ۽ پرچار ڪندڙ منش پيار ڀري دل ۽ دِيا جو ڀنڊار آهي. وسارڻ ۽ درگذر ڪرڻ اهي سندس جاپ جا شبد آهن ۽

جيان صاف سٿري هڪ ٽهي وهندڙ ڌارا آهي. هُو پڻ
۾ ٻه ٽا ٻوليتم ڀسن.

سائين ٽيرٿداس جن جو صوفيانو لباس ريشمي رنگين هُون ڏنو آهي. سندن رنگين ريشمي بستر به ڏٺو اٿم. سندن جُتي به ڏٺي اٿم. ٻر رسالو ڀلي شاهه جو به ڏٺو اٿم جو پاڻ پڙهندا هئا. هُوءَ ۾ سندن هٿ اکرڻ ٺالو لکيل آهي. ساڌارڻ پونگ، ٽي- ايم- گياني. بار- ايٽ. لا. اڳيان ٺهيان خالي پنا آهن جن تي گهٽوٽي کي لکيل آهي. پهرين مالا به آهي. اُن ۾ به خالي پنن تي گهٽوٽي کي لکيو اٿن. پر ڪٿي به اُهڙو اشارو نه ڏٺو اٿن ته ڪو هو پاڻ ڪي صوفي سڌائرڻ جو شوق رکندا هئا. سچل سائينءَ جي پڙ جا هئا. انهيءَ سرمست عاشق مولي جي پڙ تي "نانءُ سچان" وارن جي پيا کاڻ هوندي هئي ۽ ڪمائي ڪر. قبول پيؤ. گياني انهيءَ پڙ جا پوڄاري هئا. ۽ اُهو ٿي دستور قائم رکيائون.

'ڪمائي' صوفيءَ جي صاف ورق وجود جي پڌر ڪري، ڏهن لاءِ شاهه صاحب هي بيت چيو آهي:-

"صوفي لاڪوفي، ڪون پڇانئيس ڪير،
مڃيهان ٿي مڃ، وڙهي، پڌر ناهس پير،
جنين ساڻس ولير، ٿي ٽنين جو واهرو."

هيءَ هڪ ٽهي وهندڙ جيون ڌارا جو اظهار آهي، جت دشمن دوست جي وچ ڪو وڇاندڙ ڪونهي.

لڏ پلاڻ

خُزان ۾ ئي بهار جي، هليو آ سؤداگر ڪرڻ سؤدو.
ڀونگ ڏسي، دڪان دل سؤداگر ڏنو هو ڪو،
لڳ ڪرڻ سؤدو.

ڦلعدري نارائڻ

پرشمت واڌو مڌبل هو. تعصب ڪر. سنڌ، سونهاري سنڌ، پياري جنم ڀومي ڇڏڻي آهي. سائين ٽيرٿداس، دڪ، پرهل دل اَهڙو اَحوال هڪ دوست کي لکيو هو. اولادي هئا. ٻرجي ڇڙا ڇانڊ صوفي ٿَنَ هئا، ۽ جن جي مريدي هندن کان وڌ مسلمان ۾ هئي، تن لاءِ پڻ ٻيو ڪو چارو ڪونه هو. ڇڏڻي آهي. هندُ هلڻو آهي. ٻرسو ۾ ڪنهن وٽ! ڪنهن هنڌ! وڏ اولادي. اَٿ ٻار. هوا اُلٽي پٽي لڳي. تعصب ۽ آپسوارٿ وچان، پنهنجا پراوا ٿي پيا. جيڪي صدق وارا هند ۾ رهندا هئا، سي پاسو ڪري ويا، جي سنڌ ۾ هئا، تن مان ڪن ته موڪلايو به ڪونه. واهه ڙي! دنيا واهه! سيڪو پنهنجي مُنهن مُنهن موڙي پٽي هليو. جيڏي سنڌ ۾ مڃتا هئي، اوڏو ئي صدمو رسيو.

وهنوار ۾ سندس اُوچ سڀاءَ جا شاهد.

اَهڙي هردلعزيز اعليٰ سڀاءَ وارا سائين ٽيئوڻداس جن هئا. اِنسان جي ڪمزورين جو کين اَحساس هوندو هو. تنهنڪري ڪنهن سان وير نه رکندا هئا. نڪو وري ڪا دليل بازي ڪندا هئا. پر دل جي اُدارتا جي اوٽ، هر ڪنهن کي هر وقت پنهنجي وت آهر مدد ڪندا رهندا هئا. ورهاڱي وقت ۽ اُن مصيبت جي دؤران پاڻ هن شهر ۾ ٽڪي رهڻ جو اَنوکو مثال پيش ڪيو. ياد هون "نانڪ نيت صاف ته درگهه پون قبول."

گياني سنت سڄڻ جي رهڻي جيڪڏهن ڪنهن سکيا جو ڀاڳ آهي ته اُهو صرف اِنهيءَ مدنظر ته هو دل جا صاف هئا، ۽ نه ڪ ڪرامت جا صاحب هئا. آتمڪ اُڌار لاءِ ڪرامت جي ڪلا ڪوئي ساڌن نه آهي. نيت صاف هڪ اَهڪ جتن ۽ ساڌن آهي. ۽ نيت صاف صوفي سڏبو آهي. تنهن حساب سائين ٽيئوڻداس جن صوفي هئا.

هڪ دوست کي چٺي لکي هئائون ته، ”انسان کي ڪي مجبوريون آهن، ۽ هو حالتن جي زور هيٺ اچي انسانيت جو ليڪو لتاڙي وڃي ٿو.“ مطلب، ته انسان سڀاءُ کان خراب نه آهي. ڪمزور آهي پنهنجي ارادي جو. انهن سڀ حالتن تي قابو نٿو پائي سگهي. هو وير ناهي. پر ڪانئر نه ڇٽبو. وير سڀ نه ٿيندا آهن. ڪروڙن ۾ ڪو ڪو. ته پوءِ ڏسان ڏوهه ڪنهن کي. انهن مان ڪي تسلي ڏني دل جا ڳوڙها دل ۾ پيئڻ لڳا، ۽ ڪنهن سان به نه ڦٽائيائون. منجهه ٿي منجهه پاڻسان وڙهندا هئا. ۽ سڀني کي پنهنجو پريتم ڄاڻندا هئا.

سنڌ ڇڏي اچي هند آڏيائون ته بنارس ۾ رهواس ڪيائون. واه جو پاڻون آستان کولهي لڌائون! جتي سنڌ ۾ لڳن هٿ هر ورهيه وار شام جو چونڪي ڪندا هئا. سندن ساٿين ساڻن ڪهڙا به پيار پريا پر پنهنجي طرفان انهن کي لکي موڪليائون ته چونڪي ٿي سگهي ته لڳائيندا رهو. هڪ کي ته صاف اکرن ۾ لکيائون ته گرهست جيون جي سونهن انهيءَ ۾ آهي ته هر روز گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ ڏيئي جو ڌيان ڌارجي جنهن مان جي ورلي صحيح ڪانئي هلي. نه ته پسونءَ ۽ پراڻيءَ ۾ ڪهڙو فرق!

پاڻ گرهستي هئا. ته گرهست آشرم جي نيمن جي به پوئلي ڪندا هئا. سڀ ڳالهه ڏي ڌيان ڏيندا هئا.

کري رامچند چرنتا :-

"اَدا رهڻ منجهه دنيا چاهين،
تان تون جڳ جي رهه ٻڌ پوري.
"هيءَ دنيا اَٿيئي رهڻ ساري،
تنهنسان گهر جي سانت صبوري."

"جڳ جي رهه ٻڌ پوري." سو نه ٿيو لٽو سان چڪر واري ڪار ڪرڻ. چترائي سان ورتاءُ ڪرڻ جي هدايت آهي. اهڙو ڀاڳ نه، سائين ڪان ڏٺو ڪونه ٿيو. ها باقي "گهر جي سانت صبوري" ڀاڳ نه من وٽان هون فقيري ڀاؤ جو واڪ آهي. سندن زندگي انهيءَ سڌ جو پڙاڏو هئي. پر سڌ ٻه نه هئي. صبر ۽ رهڻ آهي پاسو ڪري زندگيءَ جا ڏکيا سکيا چار ڏينهن گهارڻ. ٻرهن رمز هڪ مراد اَنکيل آهي جا فقيرن کي سوجهيا نه ڏيندي آهي. "اَڳ اَڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي" برابر سانت صبوريءَ جو ڀاڳ آهي. ٻر هيءُ ڀاو ضرور اُڀري ٿو ڀي نه اَڳلو ڪئي جو ڪيتو لوڙيندو. خيال ۾ نه فرق اَچي ويو. هيءُ سڌ ڀاونا جو سُر ناهي. سائين گيانيءَ جو سُر آلاپيو سو هو:-

پيار مان اڏو ڪريان، جيڏي منجهه مندر مون دل آ.
خوشبوءِ مان ڏيندو رهان، جنهين دم اندر مون دل آ.

قلندري نارائڻ

هڪ دوست کين واچ سوکڙي ڪري ڏني هئي. سندن پٽ جنهن سا خراب ڪري ڇڏي. ٻهنجيءَ موڪلي درست ڪرايائون. درست ٿي اچڻ تي صندوق ۾ بند ڪري رکيائون. موه نه هو. پر ٻڪ سان ڏنل سوکڙي هڪ مان سنڀالي رکندي هئي. دوستيءَ جو قدر هوندو هون.

شادي جسماني ڇڪ جي پورائيءَ جو سادن آهي، لهنڪري ضروري آهي. پر لهنجا نيم آهن ۽ پهنجن دوستن کي ان باري ۾ هدايت ڪندا هئا. شادي شده جوڙي کي اپديش ڪندا هئا ته پر ڏن ۽ پر نر جي پچار پاپ آهي. سائينءَ سونهن خلقي آهي سا ساراهڻ سائينءَ جي بندگي آهي. پر ڪي ورلي اهڙا لڀندا جي سونهن خاطر ٿي دل شاد ڪري دوست جي ديدار جو انيو ڪندا. لهنڪري پاڻ پاڻ هلڻ سيائپ جو ڪم آهي. انسان جي ڪرڻ جي ڪا حد ڪانهي.

هڪ دوست کين احوال ڏنو هو ته هنجي زال وڏيڪ بار ڄڻڻ جو چاه نٿي رکي. موت ۾ سائين سندر سمجهائي ڏنس ته هت سوال ڄڻڻ ۽ نه ڄڻڻ جو ڪونهي؛ سوال سنجوڳ ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ جو آهي. اها لمنا روڪي سگهو ته واه واه. باقي جڙتو وسيلا استعمال ڪرڻ روا نه آهي.

سائين ليرلداس جي رهڻي ڪي گرهستي ۽ من بيراڳيءَ

شاديءَ جو معاملو هو. ڇوڪر جي پسنديءَ کين خاندان جي مربيدا. برابر شادي ٻن دلين جو ميل آهي. پر تنهنجو مطلب اهو نه آهي ته واسطيدار ڌر رڳو ڇوڪرو ۽ ڇوڪري آهي. جاوني آهي، سانڍهن ۾ ته آهي، پڙوسڻ ۾ آهي تنهنڪري گهروارن جي پسنديءَ ۾ اهميت رکي ٿي. هر خاندان سماج ۾ پنهنجو درجو رکي ٿو. هيءَ اينچ اُوچ پاونا جو اڳرو سوال نه آهي. پر حقيقت کي تسليم ڪرڻو آهي جا سياڻپ آهي. جڏهن سندن وس کان ڳالهه نڪري ويئي لڏهن دوستن کان چئه چاءُ ڪرايائون. مطلب، ته چاڪاڻ ته بيراڳي من هون تنهنڪري انهن ڳالهين لئي ڌيان ڏيڻ سندن ڪم نه هو؛ اهڙي سندن ميتا نه هئي. اهڙي روش هو پنهنجي فرض کان منهن موڙڻ جي برابر سمجهندا هئا.

سندن نندي ۾ نندو ڀاءُ، مولچند، بمبئي ۾ پڙهندا هئا. هيءَ ورهاڱي کان اڳ جي ڳالهه آهي. سار سنڀال لهڻ لاءِ، سنه ١٩٣٧ع ۾ پاڻ بمبئي ويا هئا. ڪيس وٺي وطن ويا. اُن کي مشغوليءَ ۾ لڳائڻ جي مد نظر ناروشاه ۾ بجلي گهر کولي ڏنائونس. دادا مولچند پاڪستان ۾ ٿي رهيا. هن سال واپس آيا آهن؛ لاڳاپا سڀ لاهي، ۽ هاڻ بمبئي ۾ رهندا آهن. پنهنجي درويش ڀاءُ دادا ٽوپڻداس، جو بيمار رهندو هو، تنهن کي پاڪستان وٺي آيا ۽ گڏ بنارس ۾ رهندا هئا. حاصل مطلب، ته "فرض پالڻ ڌرم آهي" منتر جو گهرو اڀياس ڪيل هون.

موڪلائي

پنج ورهين تي هليا شبدي ساڪ، تي ڏسڻ لولاءِ شاهدي.
هن نه لوڙهو آهي واعدو جي ڏسو جاچي پنهنجي مُرادي.

نارائڻ قلندري

پنج ورهين جي درگاهه سائينءَ وڏي جيءَ ۾ پڙاڏي جا شبدي تي هلن، نه ساقي ڇا رهجي ويو انهيءَ شاهديءَ ته انسان جو ڪيل واعدو الله تعاليٰ سان نه مان بندو، لون بندي نواز مولي مهنجو، جي پيروي باعزت ڪئي ويئي آهي. سامهي سنت جن جو سلوڪ آهي "مانڪ، ڏيهه اَسر ليکي نه لائين!" خداوند تعاليٰ بندي کي راسي ڏني آهي ته چوڪو وٺج ڪري واپس ورجانءِ. واپس وٺي بندي موڙي ساري سائين جي اڳيان رکي، ته حساب لٿي مُرادي راسيءَ ڪان وڏ ڏنڪ نڪتي. جيون سڦل ٿيو.

سائين ليلتداس انهيءَ رمز جو ٽين جولاءِ سنه اُڻويهه سؤ ٽيونجاهه ۾ سفر پورو ڪيو. انهن وقت بنارس مان لڏي اچي مدراس ۾ رهڻ لڳا هئا. سنت ڪيشلداس سندن پرامي هئا. جن سان هنن جي پهرئين ملاقات سچل

جو اَنوکو مثال آهي. طالب کي پنهنجي خيالن ۾ اهڙو ضابطو هئڻ گهرجي جو هڪ ورتي ٻيءَ ورتيءَ لئي هاوي نه پئجي وڃي. ساهميءَ ٻُڌَ ٻئي هڪ ٻئي جي سنگ ۾ هئڻ گهرجن. خود پاڻ گرهست ۾ ورلندي، جت باترتيب نام سان جوڙي رکيائون. گهر ڇڏي وڻڪار ڪونه ويا هئا. اَتائون سائينءَ جي ٻڌ درگاه دراز جي وڻڪار ڇڏي گهر وريا هئا جت پنهنجي رنگ، ٻي رنگ، وڻڪار جهڙوئي واسو متبدل پڪيڙي ويئا. ٽڪاڻو ڪونه ڪيو هئائون. سندن گفتگو ۾ گيان ڪٿا هوندي هئي. دولابين دولاب ڪيو ۽ پرماڻين لاءِ حاصل ڪيو پنهنجي چمتا ڪين خبر ڪا هوندي هئي. ڇو جو هن مشهوري کان ٿي چاهي. پنهنجي من جي موج روحاني مشغوليءَ ۾ مگهن رهندا هئا. ؟ اهوئي ڪارڻ هو جو پراڻ لياڳڻ وقت ڪنهن کي ڪا خاص هدايت ڪري ڪونه ويا.

هئي پتا جي وڇوڙي ۽ ودوا ماتا جي ڏهاڳ، حالت سببان اولاد زارون زار رئڻ لڳو.

هن وقت سندن ٽي ڌيئر، جمنا، چندران ۽ لاج حيات آهن. ڇهن پٽن مان مرلي پت هشو جو ڪلڪتي ۾ رهندو هو گذاري ويو آهي. ڇگو وارو وڃائي ويو. دوستيءَ جو سچو ۽ عام ۾ پيارو هو. سندي نوجوان مندل ڪلڪتي واري سندس پياري ياد تازي رکڻ لاءِ سنه ١٩٧٢ع ۾ عاليشان جلد ”روز نامچ“ جي صورت ڇپائي پڌرو ڪيو. آڳين سال سيپٽمبر ٢٣ سنه ١٩٧١ع ۾ گذاري ويو هو. جيوت، هيرو ۽ ٿنو حيات آهن. هيرو لنڊن ۾ رهندو آهي. ٿنو ڪلڪتي ۾ ۽ ۽ جيوت سيان بمبئي ۾. سندن ودوا ماءُ پڻ گذاري وئي آهي. آبي جي اولاد، ٽي ڀائر، پنج پيڻون ۽ چار ڀائرن مان هڪ پيڻ گوپي ۽ ٻه ڀائر گلاب ۽ مولچند حيات آهن. سندن پاءُ دادا ٽوپڻداس ته سندن حياتيءَ ۾ ئي راهه رباني وٺي ويو هو. گلابراءِ ۽ مولچند بمبئيءَ ۾ رهندا آهن.

ساڌو ٽن سپتر جيوت له گهر ۾ مندر ٺهرائي ونو آهي ۽ سرڳواسي پتا جي يونر ياد ۾ مڪان ڪي سڏ يندو ٿي ”ليرت آستان“ آهي. صدق جو اظهار آهي. چوٿين جولاءِ ورسيءَ جي تاريخ آهي- موقعو وٺي هيءُ پستڪ جو ڇپائي جي گيان ڪٿا آهي، ڇپائي پڌرو

سائينءَ جي پڙلي تي هئي. پوءِ ڪيئل سائين ۾ اُچي حيدرآباد رهيا هئا ۽ سائين ڪياڻيءَ جي چگو وڃهو ٿي ويا هئا. هن درويش سائين جي پرلوڪ پڌارڻ جي لاءِ هيءَ ڪوتا ٺاهي هئي.

"مهنو هو جر لاءِ جو چوٿين ٺهيو نجاه.
جوت ملي ٿي جوت سان، مرليءَ لوڪ مڃهان.
آواز ٿيو آڪاش مان، عاشق ڪين مرن.
جيئڻ مرڻ وس پنهنجي، پر پياڻو ڪين پڄن:
ڳجهه سدي هيءَ ڳالهڙي، هئو عاشق ڪو نه سلن.
ڪيئل خاص ملن، منڙن پڻ محبوب سان."

اِئين برابر آهي ته سنت گيان ڪٿا ڪٿيندي پرڀوءَ ڏيندا آهن ته اُن پراڻي پنيان چئو رونجي "جو اُپجي گهر جاءِ." پر اِهو ٿيو جبل مٿي چانيل برف ڪان پڇڻ "نه ڙِي! سج جي گرميءَ ڪارڻ تون ڇو ڳري پاڻي ٿي ندي نهر جو روپ وٺي ٿي وهين؟" پيار ۾ گرمي آهي. "پاهه برهه" جي چوندا آهيون. لڏهن پريتم جي وڇوڙي دل رُنندي آهي. ۽ لڙڪن پريون اکيون اُنجي شاهدي ڏيندڙ آهن. سنت ۽ رُنندا آهن.

سائين ٽيڙلداس جي پرلوڪ پڌارڻ لي ڇا اُرڏانگي، استري نه رُنندي! وڇوڙي جي ڏنگ مارئل استريءَ ڪان اَلاوا سدن آٿن پارن مان سٽ حياٽ هئا، هڪ ڏيءَ ساولري ڪانشن اَڳي سرڳواس لي ويئي

سائين منگهارام تي روحاني رنگ چڙهڻ لڳو. سائين ٽيرٿداس جن جي پاءِ سائين ٽوپڻداس جي معرفت عرض پيش ڪرائيون ته ڪين سائين پنهنجو ڪن. تڏهن سائين جن ۱۴ فيبروري ۱۹۴۳ع تي سائين منگهارام کي پنهنجي راڄپڻ جو سماچار موڪليو. تنهن ڪانپوءِ گهرائپ وڌندي وئي. ورهاڱي بعد سائين منگهارام دستور موجب هر ورهسپتي وار پنهنجي رهواس بمبئي ۾ چونڪي لڳائيندا هئا جت پريمي پاڻ ــ وٽي لاڀ پرائيندا هئا. سائين جي پرلوڪ پڌارڻ تي سندن مورتي استاپت ڪئي وئي. هر سال ۱۸ سيپٽمبر جنم ڏڻ ملهايو ويندو آهي ۽ چونڪي پڻ لڳندي آهي.

دادا ٽوپڻداس جن جو ديهانت ٿي ويو هو. ورهاڱي بعد سُنت ٿي سنه ۱۹۴۸ع ۾ ۵۷ سال جي عمر ۾ بنارس ۾ پنهنجي مرادي پاءِ سائين ٽيرٿداس وٽ چولو ڇڏيائون. گهڻو وقت کان بيمار هئا. سندن ۾ ٿي سرير لڙ پيل ٿي ويو هو ۽ پنهنجي پوندا ٿي ويا. سندن لکيتن مان ائين اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنه ۱۹۴۳ع ۾ جڏهن سائين منگهارام جي سفارش ڪئي هئائون تڏهن سرير جهڪڻ لڳو هو.

زندگيءَ جي پوئين عرصي ۾ بيماريءَ بلڪل لاچار ڪري ڇڏيو هون. ٽوپه جي ليک وڪوڙي ويئي هئي. اهائي ڏن هوندي ته:

ڪجي ٿو.

پرنتوانن جو ته ڪاٿو ئي ڪونهي. تن مان ٽن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. ڪيئل ڀڳت جنهن جو ديهانت سن ١٩٥٧ع ۾ اُلهاس نگر، بمبئي ۾ ٿيو. واهه جا سائين جي اُستتيءَ ۾ گيت لکي ڇڏي ويا آهن. ٻيو رام چندائي سيوهڻ وارو. گرنان لاڏي اُچي حيدرآباد شهر وسايو هئائون. سنڌ ۾ سائين سان جڙڪ گروُ ۽ شش جو جوڙ ميل هو. پنهنجا گهروُ معاملا به اُنهن کان سلجهارائيندا هئا. مون پنهنجي دوست ڊاڪٽر هرو سدارنگاڻيءَ کي چٺي لکي هئي ته سائين بابت ڪجهه احوال ڏئي سگهي ته ڀلو. تنهن دوست پرڻ رام جو ئي حوالو ڏنو. هن وقت ملند، بمبئيءَ ۾ رهندا آهن. سائين جي سپتر جيوت ساڻس ملاقات ڪرائي هئي. وٽان سائين جي گيان ورتي ۽ روحاني انڀو جي حوالي ۾ مليل احوال هن پستڪ لکڻ ۾ ڪافي لاڀدائڪ ثابت ٿيو آهي.

ٽيون روُپ ته نرالو آهي. سائين منگهارام ميرچندائي سائين ليرٽداس جي پوتر يادگيريءَ جو جهنڊو بلند رکندا ٿا اچن.

سائين جن جو ڀاءُ، شري مولچند بمبئي ۾ رهندا هئا. سائين منگهارام جي دوستيءَ ۾ هئا جي ڀرڻ اُلي رهندا هئا. سائين گياني‌ءَ جي ٻهراڻ ملاقات سائين منگهارام سان اُلي سن ١٩٣٦ع ۾ ٿي هئي. آهستي آهستي

وڏوا سائين ٽيرٿداس





سپتري ساوتري



سپتر حشو

”هي ٽنگي ٽنگ پرور، پٽا سرو ۽ سنڌ پراڻو زا ڪراڻ
ٿو سڄو اڀرڻ ٿو ۾.“

”هيءَ سرسر هاڻي ڏاڍو ڪمزور نستو ۽ بيڪار
بڻجي رهيو آهي. ڪنهن به ڪم ڪرڻ لائق نه آهي.
۽ ڏڪندي پئي رهيو آهي. وڌيڪ اُگهاڙو نه ڪريوس.

جڏهن دن ملهائڻ جي سلسلي ۾ ١٨ سيپٽمبر ١٩٥٨ وارو موقعو انتهائي ۽ گردشي ثابت ٿيو. سائين ليرنداس جو پرچار ۽ ناماچار پارسي جاليءَ ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ هو. سنڌ پرڀاهي شراهان جهانگير مونا ڀائي شاپرجي، انهيءَ تاريخ طئي ڪيو هو ته هڪ پستڪ انگريزيءَ ۾ ڇپرائي ظاهر ڪيو. سن ١٩٦٠ع ۾ پستڪ شاندار صورت وٺي پڌرو ٿيو.

چالہ پستڪ جو ٽائيٽل سرو آهي! ”دي رائني آف رليجنس“، يعني سرو ڌرمن جو تحقيقات ڪيل سار. جنهن ۾ جا سائين گياني عاشق هئا تن جون درگاه دراز جي فقيرن جو يادگار آهي. سچل سرمست، نانڪ يوسف، سائين سخي قبول محمد، سائين ليرنداس ۽ سائين منگهارام جن جا حال ۽ احوال هن گيان ڀرپور پستڪ ۾ درج آهن.


چالہ صدق جو ثبوت آهي! سرورق درگاه شريف جي بلند دروازي سان سينگاريل آهي. ليکڪ شاپر جي پنهنجي خانداني پارسي لباس ۾ درگاه شريف



خام خو رهيو نشو نٿو اَڪ چڙهيو خمار
سڪ سَلو سڄڻ ڪٿو، پوءِ چڙهيو بخار. قلندري- (صفحو ٤٩)

دادا ٽوپڻداس - ٽوٻھ جي بستري تي





نمسڪار - سائين منگهارام

طرف هٿ جو اشارو ڪيو بيٺا آهن، جڻڪ سڏي رهيا آهن ته اچي زيارت ڪريو ۽ لاڀ پرايو. پيو لڏيند! جلد پڪو ۽ اندر ۾ من موهيندڙ تصويرون ڏسيو آنند اچيو وڃي. شاهه جي درويش آهي. ڪين ڌارمڪ سنستائن جو سيواڌاري آهي. جوگيشوري ’من ڀڄ‘، سوامي وويڪانند مارگ، ٻمبئي ۾ رهندا آهن. ٺاٺي شڪل مٺي زبان جا صاحب آهن. برد اوستا اٿن. ڌرمي ڳالهين ۾ قدم پختو ۽ ٺڪڙو اٿن.

سائين مکڻارام سائين گيانيءَ جي ياد ۾ ”گياني باغ، گرو گهر“ پنچ گني ضلع ستارا، پوني ڀرسان اڏايو آهي ۽ صدق وارن کي نام دان ڏئي سائين گياني جن جو نامچار ۽ ڦائيندا ٿا رهن. تصوير جا اسٽاپ ڪيل آهي تنهنجو ته ڇا ذڪر ڪجي! سائين گيانيءَ جي اڳيان صندليءَ تي سجايل ۽ جُتيون رکيل آهن. ڏاڍي هڪ، جتيون ته! هڪ سندن، هڪ مرشد سائين سڌي جن جي. ڳالهه ڇا! سائين سڌي هڪ دفعي جڏهن آئي پنهنجي جتي ٿي پائي ته جتي هٿ نه آئين. وسميءَ ۾ پئجي ويا. هڪ نئين جتي، سندن پير جي ڪاڇي رکي هئي. ڪالهه ڏاڍائون. جي اها ڪٽي وڃو هوندو چور، ٻئي ڀلستر!



جنتيءَ ڇور ٻٽر اسٽر - (صفحو ۱۱۳)

7_ To forget and forgive is not the
boast of your competence
These are the virtues gods have earned.

yours is to be humble and in patience
bear.
yet wish not that God shall lay him
bare.
8- A fakir is oblivious of the approach
of death.
Inhaling deeply as he is
the divine breath.

Body mundane to him is the abode
where God doth lie.

Eager, therefore, he is not to exchange
it for the Azure High.
9. The state of full stature that marks
a man of spirituality,
Makes a ~~farce~~ mockery of questions on how
to attain divinity.

پلنامو

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
٤	٥	أ ب	أد ب
٤	١٨	المؤت	اَلمؤت
٨	٣	اُسرو	آسرو
٨	٤	ڏ تيندو	ڏسندو
٩	١٤	ڪم	حاڪم
١٤	٨	ٽاري	ٽازي
١٧	٣	سد	سو
١٨	١٦	سلسو	سلسلو
١٩	٨	صالب	طالب
٢٥	٢٠	شيو	شيوا
٢٥	٢٢	نازڪ	نازڪ ڏيو
٢٨	١٢	رڪ	رڪيا
٢٨	١٥	گهه	گهٽيا
٣١	٨	سنتام	ستدام
٣٢	٧	هرسالو	وسالو
٣٥	١١	چوري	چوراسي
٣٥	١٣	يادگري	يادگيري
٣٦	١	پرو	پيِر
٣٧	١٠	چي	جي
٣٨	١١	ڪرٽاري	ڪرٽار
٤٠	٧	فقير	فقير نه
٤٢	٥	ڪرنسٽ	ڪوُنسٽ
٤٢	٦	پهچانو	پيٺو
٤٣	٣	سرسمانو	پيدنه مانو
٤٤	١٧	سمانو	سامانو
٤٦	٧	گيتہ	وهت گيتہ
	٩	عشرت	حسرت
٤٦	١١	دالرو	دائرو
٤٧	١١	گهي	گهه ليهه
	٧	عشرت	حسرت
٤٧	١٢	من	من ڏيٺہ
٤٨	٦	ڌ يان نهه	ڌ يانهه
٥٦	١٦	الٽا	ماٽا
٥٨	٢٠	نيچ	ڏيچ
٦٢	٢٢	صپات	صفات
٦٥	١٨	صپائي	صفائي
٩٠	١٣	ايمان	بي ايمان
٩٤	٣	سلامت	سا مت
٩٨	١	ٿهي	لس ليٽ
٩٨	٢١	هڪ ٿهي	
		سانت صبوري	
١٠٥	٢	جشن	جشو
١٠٧	٢،٥	واعدو	وعدو
١٠٩	١٢	ودوا ماءُ	ودوا
١١١	١٦	لکيتن	لِکيتين
١١١	٢٢	هوندي	هوندي هئين

o x The base and the two arms,
In embrace hold the bright star,
Carry a message for every pious
heart.

Base-.- Otaro Adiban - The Retreat of the writers more wise than learned they.
Right arm -.- Soofi La-koofi.
A man of spiritual stature in full bloom is a secularist par excellence -
Left arm -.- Adib La-makan.
A man of letters is a nomad. Not that he has no home to call it as his own, but that every corner in the Creation is his home. He studies man, not his habitation.

شرڌالو سهڻو جو نانءُ نيهان

شري جيوترام تهرنداس ڪماني

”ليرت آستان“

3B/1 1st Floor - Sindhi Colony

Sion - Bombay - 400 022

Equated, therefore, a soofi and an adib, between themselves, sing a sweet song -

What am I! Ask me not.
For, this I least care to know.
But Hindu momin I am not,
Of this I am pretty sure though.

o The base and the arms two
Hold in embrace the star, new
Carry a message to the pious few.

The Feast Of Benediction
served by
Giani Sai Tirthdas.

1 To worry is an exercise in futility.

For, your destiny over-rules your pride in maturity.
yet it's not that action is deprecated.

But that 'to do' is yours, and then be rested.

2. Feel not sorry that you missed the bus.

Time was not ripe, so make no fuss.

3. Faith is the key to learning at the feet of a guide.

Else the very tide shall sink you, you wanted to ride.

° 4. Master doth his disciple bless with a vision.

A surging urge, however, is the precondition.

5. Progress spiritual is ~~marked~~ punctuated by the virtue of renunciation.
But that is not to ~~lead the~~ advocate life of idle isolation.

6. Respond well, to every call, be it eve or morn,
Made by Beast, Bird or one of woman born.

° 4. Master doth his disciple with his vision bless.
Provided, a searching heart doth him grace.

شناس

ليکڪ شري نارائڻ ڇيتانند ميراڻيءَ جو رچيل پستڪ "آتم درشن - گياني سائين ٽيرٿداس"، مون کان آخر تائين پڙهيو اٿم. ان ۾ ليکڪ گهڻي شرڌا وچان جو سرڳواسي درويش ٽيرٿداس منگهن مل گيانچنداڻيءَ جي جيون جو نقش چٽيو آهي سو سندس دلي جذبات جو مظهر آهي.

صوفي مت ۽ ويدانت مت ٻنهي ڳالهه ساڳي ٿا ٻڌائين اهو ٻه مثالن سان سڌ ڪيو اٿس. سچو عشق هجي، عاشق معشوق سان ملڻ لاءِ دل ۾ تڙپ ڌاري، انتري قدر جو عاشق، عشق ۽ معشوق ٽيئي هڪ روپ ٿي وڃن، اهڙا حوالا ڏئي، گروُ نانڪ صاحب، سوامي ٻودراج، شاه عبداللطيف ٻلھي شاه ۽ ٻين معرفت جي منزل تي پهتل هستين جا ڪلام مثال طور ڏئي سڌ ڪيو اٿس ته جو "برهمنڊ ۾، سو پنڊ ۾"، جنهن کي ڳولهي ٿو سو اندر موجود آهي ۽ روم روم ۾ رميو پيو آهي.

پنهنجا وچار هر هڪ منزل تي ڳنڍيندي سلسلو اهڙو وڻندڙ نڀاهيو اٿس جو پڙهڻ ۾ مزو پيو اچي. ٻاهران ورلي ڪجهه اندر ۾ وڃيو پرورش ڪري. "جن لڳي ڄاڻن اهي، ٻيا ته ڪنهن اڌار آ" سهڻيءَ سسئيءَ ۽ مومل جا لاڳاپا عاشقن جي قطار ۾ پوري ڍول آڻي، مضمون اهڃاڻ ۾ وڌيڪ دلچسپ ڪيو اٿس.

ٻولي سليس، سلوڻي ۽ سهڪ ڪم ۾ آندل آهي. مضمون کي ۽ سلسلي وار ڀاڱن ۾ آڻي سٺي ڍنگ سان نڀاهيو ويو آهي. اهي سڀ ليکڪ جي لياقت جو پورو ثبوت ٿا ڏين.

ٻوجومل جيوترام (رٽائرڊ ٽيچر)، اجمير